www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC Certified
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) اربع 17 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 23 ربيع الاول 1447ھ (شمارو 337) قيمت 20 روپيا

حڪومت ماڻهن کي رليف ڏيڻ لاءِ سرگرم آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ ماڻهن کي هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هميشه سرگرم آهي، امدادي ڪارروائي دوران متاثرين کي نه رڳو محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو پيو وڃي

سنڌ حڪومت ماڻهن کي اڪيلو نه ڇڏيندي ۽ هر ضرورت جي وقت ۾ انهن سان گڏ بيٺل آهي. سمورا سرڪاري ادارا، ضلعي انتظاميا ۽ بچاءُ ٽيمون ڏينهن رات متاثرين جي مدد ۾ مصروف آهن

گڊو ۽ سکر ۾ وڏي سطح جو ٻوڏ آهي جڏهن ته ڪوٽڙي ۾ گهٽ سطح جو ٻوڏ آهي. گذريل 24 ڪلاڪن ۾ صوبي ۾ 3,522 ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو: سينيئر صوبائي وزير

صوبي ۾ 183 فڪسڊ ۽ موبائل هيلٿ سائيٽس ڪم ڪري رهيون آهن جتي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 4,174 کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو ويو جنهن کان پوءِ علاج حاصل ڪندڙ ماڻهن جو ڪُل تعداد 92,958 تائين پهچي ويو آهي

سنڌ حڪومت پاران لائيو اسٽاڪ جي حفاظت لاءِ پڻ قدم کنيا پيا وڃن. گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 3,192 جانورن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو آهي

گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 39,589 جانورن کي ويڪسين ۽ طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون، جنهن کان پوءِ هاڻي تائين ڪل 13,05,573 جانورن کي علاج ۽ ويڪسينيشن فراهم ڪئي وئي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ ماڻهن کي هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هميشه سرگرم آهي. امدادي ڪارروائي دوران متاثرين کي نه رڳو محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو پيو وڃي پر انهن جي کاڌي پيتي، طبي علاج ۽ جانورن جي سار سنڀال لاءِ به مڪمل انتظام/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

خودمختاري تي حملو ٿيو ته هر قيمت تي دفاع ڪنداسين، پوءِ چاهي ڪهڙو به ملڪ هجي: اسحاق ڊار

جيڪڏهن مسلمان دنيا صرف بيانن تائين محدود رهي ته 2 ارب مسلمانن جي نمائندگي ڪندڙ ملڪ پنهنجي عوام جي نظرن ۾ ناڪام نظر ايندا

اسرائيل هڪ بي قابو رياست بڻجي چڪو آهي جيڪو هڪ کان پوءِ ٻئي مسلمان ملڪ جي خودمختاري کي چيلينج ڪري رهيو آهي

قطر انهي حملي وقت آمريڪي ۽ مصري ٿياڪڙي سان گڏ امن ڳالهين ۾ مصروف هو ۽ انهي عمل کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اهو حملو ڪيو ويو

اهو صرف قراردادن ۽ بيانن جو وقت نه آهي، هاڻ هڪ واضح لائحه عمل جي ضرورت آهي، جيڪڏهن اسرائيل پنهنجي جارحيت کي نه روڪيو ته ڪهڙا قدم کنيا ويندا

پاڪستان فوري طور تي صوماليه ۽ الجزائر سان گڏجي گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل ۾ خصوصي اجلاس طلب ڪرايو ۽ جنيوا ۾ انساني حقن واري ڪونسل کي به ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ زور ڀريو

فوجي قدم آخري رستو هوندو آهي جڏهن ته پاڪستان جي ترجيح هميشه امن، ڳالهيون ۽ سفارتڪاري رهي آهي پر جيڪڏهن ڳالهيون ناڪام ٿي وڃن ۽ جارحيت رڪجڻ جو نالو نه وٺي ته پوءِ موثر عملي قدم ضروري هوندا آهن

دوحه (م ڊ) نائب وزيراعظم، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان ايٽمي طاقت آهي، خودمختاري تي حملو ٿيو ته هر قيمت تي دفاع ڪنداسين، پوءِ چاهي ڪهڙو به ملڪ هجي. قطر جي راڄڌاني دوحا ۾ عرب اسلامي هنگامي سربراهي ڪانفرنس جي موقعي تي عرب ٽي وي (الجزيره) کي ڏنل خصوصي انٽرويو ۾ اسحاق ڊار قطر تي تازي اسرائيلي حملي کي عالمي قانون، گڏيل قومن جي چارٽر/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

نيپرا جو حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني تي 50 ملين رپين کان وڌيڪ جو ڏنڊ لاڳو

اسلام آباد (بيورو) نيپرا حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني تي 50 ملين رپين کان وڌيڪ جو ڏنڊ لاڳو ڪيو آهي. نيپرا حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني تي فيڊر نقصان جي بنياد تي لوڊشيڊنگ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

جيڪب آباد ۾ شاخ ۾ گهارو پوڻ وارين خبرن تي ڊي جي پي ڊي ايم اي پاران بيان جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل صوبائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سلمان شاهه ميڊيا ۾ ايندڙ خبرن جي وضاحت ڪندي چيو آهي ته جيڪب آباد جي آبپاشي ڪاتي جي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسرائيل جي دوري ڪانپوءِ آمريڪي پرڏيهي وزير اوچتو دوحا پهچي ويو

غزا ۾ جنگ جي خاتمي ۽ يرغمالين کي وطن واپس آڻڻ جي ڪوشش تي قطر جا ٿورا مڃيا

مارڪو روبيو ملاقاتن ۾ قطر جي سلامتي ۽ خود مختياري لاءِ ڀرپور حمايت جو واعدو ڪيو

دوحا (م ڊ) اسرائيل جي دوري ڪانپوءِ آمريڪي پرڏيهي وزير اوچتو دوحا پهچي ويو، جتي هن قطري امير ۽ وزيراعظم سان ملاقاتون ڪيون. مارڪو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪچو ۾ ڌاڙيلن خلاف انٽيليجنس بيسڊ آپريشن جو حڪم

وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ وزير داخلا ضياءُ الحسن لنجار، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي سنڌ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

آڪٽوبر 2024ع کان ٽيڪنالاجي جي ذريعي ڪچي ۾ آپريشن تيز ڪيا ويا آهن. ڪچي ۾ انٽيليجنس بنياد تي 760 ٽارگيٽيڊ آپريشن ۽ 352 سرچ آپريشن ڪيا ويا: بريفنگ

سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي ته امن امان هر صورت ۾ بحال ڪيو وڃي، وزيراعليٰ سنڌ ڪراچي ۾ غيرقانوني ٽينڪرن جي خاتمي جي به هدايت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پوليس کي حڪم ڏنو آهي ته درياهي ٻوڏ سبب ڪچو خالي ٿي ويو آهي ۽ ڌاڙيل ٻاهر اچي ويا هوندا. انهن خلاف انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تيز ڪيو وڃي. اهڙو حڪم هن خصوصي طور گهرايل/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

شنگهائي: صدر آصف علي زرداري، خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري ۽ چيئرمين پ پ پ بلاول ڀٽو زرداري سي پي سي شنگهائي سيڪريٽري سان گڏ گروپ فوٽو

پاڪستان جي دهشتگردي خلاف جنگ پنهنجي لاءِ نه، دنيا کي محفوظ بڻائڻ لاءِ آهي: عطاءُالله تارڙ

پاڪستان ڀارت جي گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊا کي بي نقاب ڪيو، ڀارت جي بنا جواز جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو

چئن ڏينهن جي جنگ ۾ پاڪستان فتحن جي هڪ نئين داستان لکي آهي. مودي حڪومت ۽ هندوتوا نظريئي کي عبرتناڪ شڪست ملي

ڀارت هڪ غاصب ۽ جارح ملڪ آهي جيڪو مظلوم بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. پهلگام جهڙي واقعن جي حقيقت دنيا جي سامهون ظاهر ٿي چڪي آهي

وفاقي وزير عطا تارڙ

اسلام آباد (بيورو) وفاقي اطلاعات واري وزير عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته پاڪستان جي دهشتگردي جي خلاف جنگ پنهنجي لاءِ نه پر دنيا کي محفوظ بڻائڻ جي لاءِ آهي. انسٽيٽيوٽ آف ريجنل اسٽڊيز جي اهتمام هيٺ تقريب کي خطاب/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

بلوچستان جي ڪيچ ضلعي شيربندي ۾ سينٽائيزيشن آپريشن دوران ڌماڪو، 5 فوجي شهيد

شهيدن ۾ ڪيپٽن وقار احمد، نائڪ عصمت الله، لانس نائڪ جنيد احمد، لانس نائڪ خان محمد ۽ سپاهي محمد ظهور شامل آهن

ڪليئرنس آپريشن دوران علائقي ۾ ڀارتي پراڪسي فتنه الهندستان جا 5 دهشتگرد ماريا ويا: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م ڊ) بلوچستان جي ڪيچ ضلعي جي شيربندي علائقي ۾ سينٽائيزيشن آپريشن دوران هڪ آءِ اي ڊي ڌماڪو ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ 5 فوجي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نيتن ياهو دوحه تي حملي کان 50 منٽ اڳ ٽرمپ کي آگاهه ڪري ڇڏيو هو: آمريڪي ميڊيا جو انڪشاف

آمريڪا کي دوحه تي ميزائل فائر ڪرڻ کان اڳ ئي حملي جي اطلاع ڏني وئي هئي

نيتن ياهو ۽ ٽرمپ جي وچ ۾ ڀڃڪڙيان سياسي معاملن تي ڳالهيون ٿيون پوءِ فوجي اختيارين ذريعي جاڻ ڏني وئي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي ميڊيا انڪشاف ڪيو آهي ته اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو دوحه ۾ حماس قيادت تي حملي کان 50 منٽ اڳ ئي آمريڪي صدر کي آگاهه ڪري ڇڏيو هو. آمريڪي ميڊيا 3 اسرائيلي اختيارين جو حوالو ڏيندي ٻڌايو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

موسمياتي تبديلي جو مسئلو سڄي دنيا لاءِ اهم آهي: سعيد غني

پاڪستان ۾ بيو کجور فيسٽيول منعقد ڪيو پيو وڃي، جنهن سان مقامي آبادگارن کي کجور جي پوک ۽ برآمدات ۾ بهتري جا موقعا ميسر ٿيندا

فيسٽيول خليجي ملڪن سان بهترين لاڳاپن جو ثبوت آهي، کجور جي صنعت کي ڪيترن مسئلن ۽ موسمياتي تبديلي سبب نقصان پهچي رهيو آهي

فيسٽيول سان پاڪستان جا زرمبادلا ذخيرا به وڌندا، گڏوگڏ اسرائيل تي عالمي مذمت ۽ مسلمان ملڪن جي گڏيل پاليسي تي به بحث ٿيو

دوحا: وزيراعظم شهباز شريف ايراني صدر ڊاڪٽر مسعود پيزشڪيان سان ملاقات ڪندي، فيلڊ مارشل عاصم منير پڻ موجود آهي

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ڪاتي واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته موسمياتي تبديلي جو مسئلو سڄي دنيا کي مسئلو آهي. پاڪستان ۾/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پ پ چيئرمين پاران بلوچستان جي ضلعي ڪيچ ۾ آپريشن دوران 5 سيڪيورٽي اهلڪارن جي شهادت تي افسوس جو اظهار

شنگهائي (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بلوچستان جي ضلعي ڪيچ ۾ آپريشن دوران آءِ اي ڊي ڌماڪي ۾/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وزيراعظم فيلڊ مارشل سان گڏ 25 سيپٽمبر تي آمريڪي صدر سان ملاقات ڪندو

وزيراعظم جي گڏيل قومن جي سالياني اجلاس دوران صدر ٽرمپ سان ملاقات ٿي سگهي ٿي

ملاقات لاءِ ڪيل ڪوششون ڪامياب ٿينديون نظر اچي رهيون آهن

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف جي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان هن مهيني 25 سيپٽمبر تي ملاقات جو امڪان آهي. ذريعن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عمران خان جو ايف آءِ اي ٽيم کي پنهنجي ايڪس اڪائونٽ جي هينڊلر جو نالو ٻڌائڻ کان انڪار

عمران خان جي اڪائونٽ تان رياست مخالف مواد پوسٽ ٿيڻ جي معاملي تي ايف آءِ اي سائبر ڪرائم جاچ شروع ڪري ڇڏي

ايف آءِ اي سائبر ڪرائم جي ٽي رڪني ٽيم اڊيالا جيل پهتي ۽ عمران خان سان ملاقات ڪري ان حوالي سان پڇا ڪئي. سائبر ڪرائم ٽيم جي قيادت اياز خان ڪئي

پي ٽي آءِ باني ايف آءِ اي ٽيم کان لکت سوال نامو گهري ورتو ۽ جواب وڪيلن جي موجودگي ۾ ڏيڻ تي اصرار ڪيو: ذريعا

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان جو ايڪس اڪائونٽ ڪير استعمال ڪري رهيو آهي؟ ايف آءِ اي جي ٽيم اهو معلوم ڪرڻ لاءِ اڊيالا جيل پهتي پر عمران خان ٻڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. عمران خان جي اڪائونٽ تان رياست مخالف/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستان ٻوڏ ۾ نه بلڪ حڪمرانن جي نااهلي ڪري ٻڏل آهي: ڪاشف سعيد شيخ

جماعت اسلامي امير سنڌ ۾ 21 ٻوڏ متاثرين لاءِ 21 لک گهر مفت مهيا ڪرڻ واري دعويٰ کي دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ قرار ڏنو

الخدمت جي ٽيم سنڌ ۾ ٻوڏ واري امڪاني صورتحال جي پيش نظر الرٽ رهي: جماعت اسلامي امير

جماعت اسلامي نظام جي قيام، معاشري جي اصلاح، نيڪي جي فروغ ۽ برائي ۽ بي حيائي جي خاتمي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي

ڪاشف سعيد شيخ

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ پيپلزپارٽي جي حڪومت پاران سنڌ ۾ 21 ٻوڏ متاثرين لاءِ 21 لک گهر مفت مهيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

وزيراعظم شهباز شريف قطر جي امير شيخ تميم سان ملاقات

ملاقات ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير به موجود هئا

پاڪستان مشڪل وقت ۾ قطر سان گڏ بيٺو آهي ۽ ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا: وزيراعظم

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف قطر جي امير شيخ تميم بن حمد الثاني سان ملاقات ۾ اسرائيلي حملي جي سخت مذمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ سان سوئيڊن جي سفير جي ملاقات

پي ٽي اي چيئرمين عهدي تان هٽائڻ جو فيصلو چيلينج ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ چيئرمين اها اپيل آرڊيننس 1972 تحت داخل ڪئي آهي

اپيل ڪندڙ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي جو موجوده چيئرمين آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) چيئرمين اسلام آباد هاءِ ڪورٽ طرفان عهدي تان هٽائڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ ۾ نااهل حڪمرانن صوفين جي ڌرتي کي ڌاڙيلن حوالي ڪري ڇڏيو آهي: راشد خالد محمود سومرو

سنڌ ۾ بدامني انتها تي پهچي وئي آهي، اسٽريٽ ڪرائم وڌي ويا آهن ۽ اغوا براءِ تاوان جا واقعا عام ٿي ويا آهن

سنڌ ۾ حڪمراني ڪندڙ جماعت عوام کي ڪا سهولت نه ڏئي سگهي، مهانگائي، بيروزگاري ۽ لاقانونيت عوام جو جيئڻ ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي

ڌاڙيلن ۽ حڪمرانن جو گٺ جوڙ آهي، چونڊن ۾ ڪرمنلائزي ووٽ ڀرين ٿا. امن لاءِ جرگا ڪيا پر پيپلزپارٽي جا سردار نمائندا شامل نه ٿيا

حيدرآباد (بيورو) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي سرواڻ علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته سنڌ ۾ بدامني انتها تي پهچي وئي آهي. اسٽريٽ ڪرائم وڌي ويا آهن ۽ اغوا براءِ تاوان جا واقعا عام ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ حڪمراني ڪندڙ جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس طارق محمود جهانگيريءَ کي ڪم کان روڪي ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري کي جج طور ڪم ڪرڻ کان روڪيو ويو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس اعظم خان تي ٻڌل ڊويزن بينچ جسٽس طارق محمود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

حيدرآباد: راشد خالد محمود سومرو جلسي کي خطاب ڪندي

صحت واري وزارت ڊينگي کان بچاءُ تي ڌيان ڏئي رهي آهي: مصطفيٰ ڪمال

اسپتالن جو تعداد وڌائڻ صرف عارضي حل آهي، بيمارين کان عوام کي بچائڻ لاءِ اصل حڪمت عملي روڪٿام تي ٻڌل هجڻ گهرجي

ڊينگي کي ختم ڪرڻ لاءِ صاف پاڻي تي ڪنٽرول، جديد مشينري جي فراهمي ۽ عوامي شعور اجاگر ڪرڻ مهم جا اهم حصا ٻڌايا ويا آهن

هر سال هزارين عورتون سروائيڪل ڪينسر جو شڪار ٿين ٿيون، تنهن ڪري ويڪسينيشن لازمي ڪرائجي: صحت وارو وزير

اسلام آباد (بيورو) وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال اڄ اسلام آباد ۾ قومي اينٽي ڊينگي مهم 2025 جو باضابطه افتتاح ڪيو. ان موقعي تي صحت واري وزير چيو ته احتياط علاج کان بهتر آهي. صحت واري وزارت بچاءُ تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي. "اسان ڪي مريضن جي اسپتال اچڻ جو انتظار نه ڪرڻو پوندو، پر اسان کي انهن کي بيماري کان بچائڻو پوندو، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

يورپي ملڪ لڪسمبرگ جو به فلسطين کي رياست طور تسليم ڪرڻ جو اعلان

غزا ۾ حالتون بگڙجي چڪيون آهن، نسل ڪشي ۽ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن

واضح رهي ته ان کان اڳ فرانس، برطانيا، ڪينيڊا، آسٽريليا، بيلجيئم ۽ مالٽا به اهڙي اعلان ڪري چڪا آهن

لڪسمبرگ (م ڊ) هڪ ٻئي يورپي ملڪ لڪسمبرگ اعلان ڪيو آهي ته گڏيل قومن جي ايندڙ اجلاس ۾ ٻين ملڪن جيان اسان به فلسطين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جناح پاران برسات کان پوءِ ڊينگي ۽ مليريا جي روڪٿام لاءِ سيني يوسيز ۾ اسپري مهم شروع

چيئرمين جناح ٽائون رضوان عبدالسميع جي هدايت تي هر يوسي لاءِ الڳ الڳ اسپري مشينون خريد ڪيون ويون

ٽي ايم سي جناح پاران 11 اسپري مشينون خريد ڪيون ويون آهن، جيڪي سيني يوسيز ۾ برابر ورهائي رهيون آهن

شهرين جي صحت ۽ حفاظت اولين ترجيح آهي، مهم ۾ عملي جي ڪارڪردگي جي نگراني به جاري آهي: چيئرمين جناح ٽائون رضوان عبدالسميع

ڪراچي (رپورٽر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جناح مون سون جي برسات کان پوءِ مختلف علائقن ۾ صفائي ۽ صفائي جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي سيني يوسيز ۾ ڊينگي ۽ مليريا جي خلاف اسپري مهم شروع ڪئي آهي. چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪرنٽ لڳڻ سبب ٻن واپڊا اهلڪارن سميت 4 ڄڻا فوت

سيالڪوٽ جي ڪوٽلي لوهاران ٿاڻي جي حد ۾ پيش آيو پوليس موجب ٻوڏ سبب بجلي جي تارن جي مرمت دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب 4 ڄڻا فوت ٿي ويا

فوتين ۾ به واپڊا اهلڪار به شامل آهن، جاچ ڪري رهيا آهيون ته خراب لائنن ۾ ڪرنٽ ڪيئن آيو: واپڊا اختيارين

سيالڪوٽ (بيورو) سيالڪوٽ ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو، جتي بجلي جو ڪرنٽ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: صحت وارو وزير مصطفيٰ ڪمال ڊينگي کان بچاءُ واري مهم جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

ٻوڏ ۾ لڙهي آيل 2 هزار سال پراڻا سڪا ۽ نوادرات هٿ

لاهور (م ڊ) پنجاب جي ضلعي ڊيرا غازي خان جي تعلقي تونسا ۾ واقع ڪوهه سليمان جي جبلن مان/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ٽنڊو آدم: روشن جوڻيجو اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي

پ پ ايم اين اي علاؤالدين جوڻيجو جي والد ۽ پ پ جي اڳوڻي ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

ٽنڊو آدم (رپورٽر) ٽنڊو آدم ۾ ڪلاسيڪل وڏيري مرحوم شاهنواز جوڻيجو جي فرزند اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو جي پاءِ ۽ پ پ ايم اين اي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ميونسپل ڪمشنر ڪورنگي ٽائون پاران 5000 روڊ تي نالي جي اوور فلو جو معائنو

ڪورنگي ٽائون چيئرمين محمد نعيم شيخ جي هدايت تي 5000 روڊ تي نالي جي اوور فلو جو معائنو ڪيو ويو

ميونسپل ڪمشنر غلام سرور راهو پوٽو ۽ ڊائريڪٽر سينيٽيشن محمد يونس عملي سان گڏ موقعي تي موجود رهيا

فوري طور ڳري مشينري ۽ عملي جي مدد سان هنگامي بنيادن تي نالي جي اوور فلو ختم ڪرڻ جي هدايتون جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڪورنگي ٽائون جي چيئرمين محمد نعيم شيخ جي هدايتن تي، ميونسپل ڪمشنر ڪورنگي ٽائون غلام سرور راهو پوٽو ۽ ڊائريڪٽر سينيٽيشن محمد يونس سان گڏ 5000 روڊ تي نالي جي اوور فلو جو معائنو ڪيو ۽ موقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سيوهڻ سناني پراڻي تڪرار تان فائرنگ، 2 سڳا ڀائر قتل

ڳوٺ شادي خان سناني جکراڻي ۾ سيوهڻ سناني پراڻي تڪرار هڪ دفعو ڀيهر ڀڙڪي اٿيو

هٿيارٻندن فائرنگ ڪري شرف الدين سناني جکراڻي ۽ ذاڪر علي سناني جکراڻي ولد خيرالدين سناني جکراڻي کي قتل ڪري ڇڏيو

دادو (رپورٽر) دوداپور پرسان محمد پور ٿاڻي جي حد سناني جکراڻي ۽ سيوهڻ سناني پراڻي تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 سڳا ڀائرن/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سانا طرفان اينڊز آدمشماري ۾ سنڌ جي حقيقي ماڻهن ۽ اسٽيڪ هولڊرن کي شامل ڪرڻ جو مطالبو

ايڊوڪيسي ڪميٽي جي آن لائن ويبينار ۾ مقبول هاليپوٽو، امان الله شيخ، دلشاد ڀٽي سينيئر ۽ اسد شيخ جي شرڪت

سال 2023 ۾ ٿيل ڊجيٽل آدمشماري ۾ سنڌ تي ڌارين جو ڪنٽرول وڌايو ويو: مقرر

ڪراچي جي آبادي هڪ ڪروڙ 80 لک آهي، 40 سيڪٽر ڌاريا آهن: گڏيل قومن جي رپورٽ

واشنگٽن ڊي سي (م ڊ) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي ايڊووڪيسي اينڊ رائٽس ڪاميٽي (آءِ آر سي) پاران سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري، جعلي آدمشماري ۽ ان جا سنڌ جي مستقبل تي اثر جي عنوان سان آن لائين ويبينار جي گڏيو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ماهرنگ ڪيس، ايمان مزاري غير حاضر، ڪيس منتقلي جي درخواست

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ڊاڪٽر مهرنگ بلوچ جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي، پر مکيه وڪيل ايمان مزاري پيش نه ٿي. درخواستگذار طرفان ايڊووڪيٽ ايمان مزاري جي جاءِ تي اسسٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

حيدرآباد: سنڌ ايمپلائيز حيدرآباد پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي آهي

غزه ۾ اسرائيل جي زميني ڪارروائي 62 فلسطيني شهيد

اسرائيلي شهر تي قبضو ڪرڻ لاءِ زميني ڪارروائي شروع ڪئي آهي

اسرائيلي فوج 'لوهي مُٺي' سان دهشتگرد اڏاوتن کي ماري رهي آهي

غزه (م ڊ) غزه شهر جي رهواسين جو چوڻ آهي ته انهن کي 'سخت ۽ مسلسل' بمباري جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جڏهن ته رپورٽون آهن ته اسرائيلي فوج پنهنجي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ مريضن جي حفاظت بابت ريسرچ سمپوزيم ڪوٺايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي شاگردن کي محفوظ علاج جا علمبردار بڻائڻ سندن تعليم جو بنيادي حصو آهي اهڙن خيالن جو اظهار جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر امجد سراج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: ميونسپل ڪمشنر ڪورنگي ٽائون غلام سرور راهو پوٽو نالي جي اوور فلو جو معائنو ڪندي

ڪي اليڪٽرڪ پاران حب پمپنگ اسٽيشن تي اوچتو بجلي جو وڏو بريڪ ڊائون ٿيو: ترجمان واٽر ڪارپوريشن

ڪي اليڪٽرڪ جي بريڪ ڊائون سبب حب پمپنگ اسٽيشن تي اوچتو فني خرابي، پاڻي جي لائين اوور فلو ٿي وئي

سي اي او جي خاص هدايت تي هنگامي مرمت جو ڪم شروع ڪيو ويو، ٽيمون 10 ڪلاڪن تائين مصروف رهيون

مرمتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد حب رائزنگ مين کي چارج ڪري پاڻي جي فراهمي بحال ڪئي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان چيو ته اڱاري جي صبح جو لڳ ڀڳ 6 وڳي کي اليڪٽرڪ پاران حب پمپنگ اسٽيشن تي اوچتو بجلي جو وڏو بريڪ ڊائون ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ حب رائزنگ مين جو شيل ٻاهر نڪري ويو ۽ پاڻي جي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: چيئرمين جناح ٽائون رضوان عبدالسميع برسات بعد بيمارين کان بچڻ لاءِ اسپري مهم جو افتتاح ڪندي

مير بحر ٽائون ۾ رهائش پذير ماڻهن کي صاف سٿرو ۽ صحتمند ماحول مهيا ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: ميونسپل ڪمشنر

ميونسپل ڪمشنر پنهنجي سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ڪائونسل جي ميمبرن، چونڊيل بلدياتي نمائندن ۽ بلدياتي آفيسرن ميونسپل ڪمشنر کي سالگره جي مبارڪباد ڏني

جنهن طريقي سان توهان ٽائون جي خدمت ڪري رهيا آهيو، الله پاڪ توهان کي صحت ۽ تندرستي سان گڏ ٽائون جي عوام جي خدمت ڪرڻ جو حوصلو عطا فرمائي: ڪائونسل ميمبر

اسين توهان جي سربراهي ۾ ٽائون جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڪلهي سان ڪلهو ملائي اوهان سان گڏ آهيون: بلدياتي آفيسرن پاران خيالن جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) ميونسپل ڪمشنر موڙو مير بحر ٽائون الهي بخش سيال چيو آهي ته مير بحر ٽائون ۾ رهائش پذير ماڻهن کي صاف سٿرو ۽ صحتمند ماحول مهيا ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ميونسپل ڪمشنر سان ڪائونسل/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

AWAMI SOCH
KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ: 03153327758

ڏنءُ ڏنءُ ڏَمڻَ وار، اڄ پڻ آگِرين جي؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اگارَ؛
ڏُوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

اربع 17 سيپٽمبر 2025ع

”پروٽيسٽ پروف“ هجڻ جو اعزاز رکندڙ اسان جا حڪمران

سنڌ جي سرڪاري ملازمن جو احتجاج، جيڪو سنڌ ايمپلائيز الائنس (SEA) جي سڏ تي هلندڙ آهي، اڄڪلهه سنڌ جي سياسي ۽ سماجي منظرنامي جو اهم حصو بڻجي ويو آهي. هي احتجاج نه رڳو ملازمن جي معاشي حقن جي دفاع جي لاءِ آهي، پر سنڌ حڪومت جي ناانصافي ۽ ملازمن سان بدسلوڪي جو واضح اظهار پڻ آهي. هن الائنس جي پليٽ فارم هيٺ صوبي جي سمورن علائقن ۾ پنشن ’سڌارن‘ جي واپسي، رٽائرمينٽ تي گروپ انشورنس جي ادائيگي، پگهارن ۽ پنشن ۾ 50 سيڪڙو واڌ لاءِ ورڪرز ڪنوينشن ۽ ريلين جو سلسلو جاري آهي. هي الائنس سنڌ جي سرڪاري ملازمن جو گڏيل سگهارو آواز بڻجي چُڪو آهي، جنهن ۾ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (PTA)، گورنمينٽ سيڪنڊري ٽيچرز ايسوسيئيشن (GSTA)، سنڌ پروفيسرز ۽ ليڪچررز ايسوسيئيشن (SPLA)، آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن (APCA)، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن سميت ٻيا گروپ شامل آهن. جڏهن سنڌ حڪومت پاران پينشن رولز ۾ تبديلين، پگهارن ۾ گهٽتائي ۽ ٻين حقن کان انڪار خلاف ملازمن ۾ بيچيني وڌي وئي. خاص طور تي، 2024ع ۾ سنڌ سِوِل سروينٽس (ترميمي) ايڪٽ جي نئين پاليسي، جيڪو سرڪاري ملازمن لاءِ وڏو صدمو بڻيو. هن پاليسي نه رڳو ملازمن جي مستقبل کي خطري ۾ وڌو، پر پينشنرز لاءِ به روزيءَ جو واحد ذريعو ختم ڪري ڇڏيو.

گهڙين يا ٻين نازڪ قسم جي مشينريءَ تي ”واٽر پروف“ يا ”شاڪ پروف“ لکيل هوندو آهي. انهن تي نه پاڻي اثر ڪندو آهي ۽ نه ئي ڪنهن ڌڪ يا جهٽڪي جو ڪو اثر ٿيندو آهي. پر دنيا ۾ شايد اسان جا ئي حڪمران آهن، جن کي ”پروٽيسٽ پروف“ هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. ڪيڏا به ڪٽي احتجاج ڇو نه ٿين، انهن جو اثر اسان جي حڪمرانن تي ناهي پوندو. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته، ڪنهن به سماج ۾ احتجاج طرزِ حڪمراني تي بي اعتمادي ۽ ڪاوڙ جو اظهار هوندا آهن. دنيا جي سڌريل ملڪن جا حڪمران عوام جي مزاج جي موسم جو اندازو وڌندڙ احتجاجن مان لڳائي وٺندا آهن پر اسان جي حڪمرانن جو ته مزاج ئي نرالو ۽ ادا ئي ”اور“ آهي. هتي ڪو به عوامي مسئلو ايستائين حڪمرانن جي ڌيان تي نٿو اچي، جيستائين اهو ڪو وڏو ”اشو“ نٿو بڻجي. هاڻي ته هن ملڪ جي ماڻهن کي به اها پروڙ پئجي چڪي آهي ته وڏن احتجاجن کانسواءِ سندن مسئلو حل ٿيڻو ئي ناهي. اصل ڳالهه اها آهي ته حڪمرانن جي عوامي مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ واري طرزِ عمل سان پاڻ ئي عوام کي احتجاج جي ترغيب ڏيندا آهن.

اسان سمجهون ٿا ته، سنڌ جي سرڪاري ملازمن جا مطالبا جائز ۽ آئيني آهن. ٻين صوبن ۾ ملازمن کي ملندڙ فائدا سنڌ ۾ نه ملڻ، پينشن رولز ۾ تبديليون، پگهارن ۾ گهٽتائي، DRA جي گهٽتائي، گروپ انشورنس جو خاتمو، گذاري ويل ملازمن جي خاندانن لاءِ نوڪري ڪوٽا جو خاتمو، ميڊيڪل الائونس، مئٽرينٽي لِيو هائوس رينٽ الائونس ۽ بينوولينٽ فنڊ جي بحالي – اهي سڀ مطالبا ملازمن جي معاشي استحڪام لاءِ ضروري آهن. خاص طور تي، پينشنرز لاءِ پينشن جو واحد ذريعو هجڻ باوجود حڪومت پاران ان کي ڪٽڻ، انهن سان وڏو ظلم آهي. سنڌ حڪومت، انهن مطالبن کي رد ڪري رهي آهي، جڏهن ته ٻين صوبن ۾ اهي فائدا فراهم ڪيا وڃن ٿا. هي واضح طور تي سنڌ جي ملازمن سان امتيازي سلوڪ آهي. جنهن جي ڪري سنڌ جي ملازمن ۾ ڪاوڙ پيدا ٿيڻ فطري آهي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته مطالبن تي غور ڪري، پينشن رولز واپس وٺي، پگهارن ۾ واڌ ڪري ۽ فائدن کي بحال ڪري. حڪومت انتظامي تدبر جو مظاهرو نه ڪيو ته احتجاج جو دائرو وڌي سگهي ٿو جيڪو سنڌ جي سيني شعبن کي متاثر ڪندو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت ۽ سرڪاري ملازمن جي اتحاد کي فوري طور تي ڳالهين ذريعي حل ڳولڻ گهرجي. سنڌ حڪومت کي ملازمن جي جائز مطالبن کي تسليم ڪرڻ سان گڏ، ملازمن جي حقن جي تحفظ لاءِ پاليسيون جوڙڻ گهرجن. صرف ۽ صرف ان طريقي سان ئي، انتظامي سرشتي کي مضبوط ۽ عوامي خدمتن کي بنا ڪنهن، رخني، رڪاوٽ ۽ تعطل جي جاري رکي سگهجي ٿو.

پاڪستان جو وڌندڙ عالمي معيار!!!

اعجاز ممنائي

وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته جنگ ۾ ڀارت کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ دنيا ۾ پاڪستان جو وقار وڌيو آهي، پاڪستاني سپاهين تمام گهٽ وقت ۾ دشمن کي اهڙو سبق سيکاريو جو دشمن جون متيون منجهي ويون آهن. وزير اعظم مطابق، صدر ٽرمپ ڪيترائي ڀيرا پاڪ-ڀارت جنگ بندي ۾ پنهنجي ثالثي ڪردار جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن ڪري هي پاڪستان لاءِ هڪ وڏي سفارتي ڪاميابي پڻ آهي، وزيراعظم پاران ڪابينا توانائي ڪميٽي جي اجلاس کي خطاب، لاهور ريلوي اسٽيشن تي پاڪ بزنس ايڪسپريس ٽرين جو افتتاح ۽ انساني اسمگلنگ خلاف عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾، پاڪستان جي وقار ۾ واڌ بابت بيان ڪيل نقطا اهميت رکن ٿا جن جو عڪس نمايان نظر اچي رهيو آهي. پاڪستان هن وقت گڏيل قومن سميت بين الاقوامي تنظيمن ۾ مڪمل طور تي سرگرم آهي. مختلف ملڪن مان وفدن جي اسلام آباد آمد، پاڪستاني وفدن جا مسلسل پرڏيهي دورا، تعاون ۽ ڀائيواري جا نوان رنگ اهو ثابت ڪري رهيا آهن ته پاڪستان مستقبل قريب ۾ هڪ وڏي ۽ مضبوط طاقت بڻجي رهيو آهي. پرڏيهي معاملن واري ڪابينا جي ڊپٽي چيئرمين جي اڳواڻي ۾ اعليٰ سطحي وفد سان ڳالهيون ۽ معاهدا پڻ ان سلسلي جو حصو آهن. پاڪستان-چين لاڳاپا معاهدي جي ٻئي مرحلي تي رابطن جي صورت ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن. پاڪ آمريڪا لاڳاپن ۾ اڳڀرائي پڻ حالات جي بهتريءَ طرف هڪ وک محسوس ٿي رهي آهي. صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران فيلڊ مارشل عاصم منير کي رات جي ماني جي دعوت ڏيڻ کي سفارتي حلقن ۾ اهم سمجهيو ويو. جڏهن ته مخالف ڌر به ڀارتي پارليامينٽ جي هيٺين ايوان لوڪ سڀا ۾ پنهنجي انداز ۾ ان واقعي جو حوالو ڏنو. پاڪ-ڀارت جي چئن ڏينهن جي جنگ کان پوءِ ڀارتي اپوزيشن جي بار بار مطالبي تي سڏايل اجلاس ۾ پهلگام حملو، رافيل جهاز کي ڪيرائڻ ۽ تڪراري آپريشن مهاديو جهڙا معاملا اهم هئا. مخالف ڌر جي اڳواڻ راهول گانڌي چيو ته جيڪڏهن مودي ٽرمپ جي درخواست تي جنگ بندي جو اعلان نه ڪيو ۽ ڀارتي جهاز نه ڪيرايا ويا ته پوءِ کيس ٽرمپ کي ڪوڙو چوڻ گهرجي. هن چيو ته ٽرمپ 29 ڀيرا دعويٰ ڪئي ته هن جنگ بندي ڪرائي آهي. جيڪڏهن مودي ۾ همت آهي ته کيس هن ايوان ۾ آمريڪي صدر جي بيان کي ڪوڙو چوڻ گهرجي. ڀارتي ايم پي امريندر سنگ چيو ته هن پاڻ پنجاب ۾ رافيل جهاز کي ڪِرش ٿيندي ڏٺو. هو ايوان ۾ تباهه ٿيل جهاز جون تصويرون به کڻي آيو. ڀارتي گهرو وزير اميت شاهه اهو پراڻو مذاق کڻي آيو ته اسان وٽ ثبوت آهن. ان مطابق ته پاڪستاني دهشتگرد مارجي ويا جن مان پاڪستاني چاڪليٽ مليا هئا. هن دعويٰ ڪئي ته دهشتگردن وٽان پاڪستاني ووٽر شناختي ڪارڊ به مليا آهن. جڏهن ته پاڪستان ۾ ڪو به ووٽر شناختي ڪارڊ اسٽب ناهي ۽ ڪو به دهشتگرد پنهنجي سڃاڻپ ڪارڊ سان واقعي واري هنڌ تي نه ويندو آهي. هندستاني وزيراعظم نريندر مودي پنهنجي خطاب ۾ دعويٰ ڪئي ته ڪنهن به عالمي اڳواڻ هندستان کي پنهنجي ڪارروائي بند ڪرڻ لاءِ نه چيو آهي. لوڪ سڀا ۾ ڳالهائيندي، هندستاني وزيراعظم دعويٰ ڪئي ته 22 اپريل جي رات، جڏهن هن آمريڪي نائب صدر سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ته هن خبردار ڪيو ته پاڪستان هڪ وڏو حملو ڪرڻ وارو آهي، مون جواب ڏنو ته جيڪڏهن هي انهن جو منصوبو آهي، ته پوءِ انهن کي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. مانيڪا گانڌي جي سوال جو ڪو به سنجيده جواب نه ڏنو ويو ته پهلگام جهڙي حساس جڳهه کي غير محفوظ ڇو رکيو ويو آهي. اهي اهڙا جواب هئا جن سان هندستاني پاڻ به مطمئن نه ٿي سگهيا. اهو سڀ هوندو جيڪڏهن هندستاني حڪمران، علائقي کي جنگ جي باهه ۾ اڇلائڻ بدران، پنهنجي ۽ علائقي جي مفاد ۾ پاڪستاني نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي جامع ڳالهين جي آڇ سان اڳتي وڌن. ۽ گڏجي ويهن ۽ برصغير جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪوشش کي ڪامياب بڻايو.

پاڪستان ڊگهي عرصي کان عالمي سطح تي هڪ فرنٽ لائن رياست رهيو آهي ۽ آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ ايندڙ تڪرار ۾ هڪ جيو پوليٽيڪل هاٽ اسپاٽ بڻيل آهي. هي هڪ نازڪ صورتحال آهي جنهن پاڪستان کي هڪ خطرناڪ رستي تي هلڻ تي مجبور ڪيو آهي، ۽ اهو رستو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي قومي مفادن جي حفاظت لاءِ تمام گهڻو چئلينجنگ بڻجي ويندو آهي، پاڪستان ۽ چين گڏيل ڪجهه ڏهاڪن کان هڪ خاص ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهن. جيڪي باهمي اعتماد، اسٽريٽجڪ تعاون ۽ گڏيل ترقياتي مقصدن تي ٻڌل آهن. ٻئي طرف، پاڪستان آمريڪا جو هڪ اهم غير نيٽو اتحادي پڻ رهيو آهي، چاهي اهو دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ هجي يا سرد جنگ دوران هجي. ساڳي ريت ٻطرفي تعاون جي هڪ نمايان مثال چين-پاڪستان اقتصادي راهداري (سي پيڪ) منصوبو آهي، جيڪو 2013 ۾ شروع ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ، انهيءَ منصوبي پاڪستان ۾ توانائي جي بنيادي ڍانچي ۽ صنعتن ۾ 62 ارب ڊالر کان وڌيڪ سيڙپڪاري ڪئي آهي، جنهن سان لڳ ڀڳ 120,000 مقامي نوڪريون پيدا ٿيون آهن ۽ بجلي جي کوٽ کي تقريباً 30 سيڪڙو گهٽايو ويو آهي. گوادر، رشڪئي ۽ ڍابيجي ۾ خاص اقتصادي زون، هاءِ وي ۽ پاور پلانٽ منصوبي جا اهم حصا آهن جن چيني ۽ پاڪستاني سيڙپڪارن کي راغب ڪيو آهي. اسلام آباد ۽ بيجنگ اهڙا مالي طريقا متعارف ڪرايا آهن جيڪي رعايتي فنانسنگ تي ٻڌل آهن ۽ انهن جي بنياد ۾ استحڪام آهي. تازي معاهدي ۾، چين پاڪستان جي قرض مان 3.4 بلين ڊالر رول اوور ڪيا، مرڪزي بينڪ جي ذخيرن مان 2.1 بلين ڊالر ري فنانس ڪيا، ۽ 1.3 بلين ڊالر جي ڪمرشل قرض جي ٻيهر جوڙجڪ ڪئي. هن قدم ذخيرن کي آءِ ايم ايف جي گهرجن کان مٿي رکڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پاڪستان کي مالي گنجائش فراهم ڪئي. هن قسم جي قرض جي انتظام جي ماڊل مان ظاهر ٿئي ٿو ته چين صرف پنهنجن مختصر مدت جي مفادن تي ڌيان نه ٿو ڏئي پر پاڪستان جي ڊگهي مدت جي اقتصادي خوشحالي تي به ڌيان ڏئي ٿو. اهو ياد رکڻ ضروري آهي ته جڏهن پاڪستان-آمريڪا لاڳاپن جو هڪ دوستانه پهلو آهي، اپريل 2023 ۾ آءِ ايم ايف جي توسيع ٿيل فنڊ سهولت (7 ارب ڊالر) جي منظوري ۽ مئي 2025 ۾ ان جي پهرين جائزي جي اجلاس لاءِ ان جي حمايت واشنگٽن ۽ بيجنگ ٻنهي سان پاڪستان جي عملي ۽ متوازن سفارتي انداز کي ظاهر ڪري ٿي. پاڪستان بار بار زور ڏنو آهي ته هو چين پاران مهيا ڪيل ترقياتي ڍانچن کي ترجيح ڏئي ٿو چاڪاڻ ته اهي خودمختياري جو احترام ڪن ٿا ۽ باهمي فائدن ڏانهن وٺي وڃن ٿا. پاڪستان هميشه کان گهڻ طرفي عالمي فورمن ۾ چين جي اڳواڻي ۾ ايندڙ ”گلوبل سائوٿ سان هم آهنگي“ جي ماڊل جي تعمير جو مضبوط حامي رهيو آهي. 2024 ۾، پاڪستان باضابطه طور تي برڪس جي ميمبرشپ لاءِ درخواست ڏني، جنهن کي چين جي حمايت حاصل هئي، ۽ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ميزباني ڪئي. انهن قدمن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان هڪ اهڙي بيانيي کي فروغ ڏيڻ چاهي ٿو جيڪو آمريڪا جي اڳواڻي ۾ عالمي نظام کان مختلف هجي. پاڪستان چيني اصطلاحن کي اختيار ڪيو آهي جهڙوڪ برابري واري ترقي، قرضن ۾ رليف، علائقائي رابطي، ۽ بين الاقوامي سطح تي چيني منصوبن ۾ ”فائدي حاصل ڪندڙ“ ۽ ”ڪو-ڊزائنر“ ٻنهي جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

پاڪستان جي معيشت ٽن مکيه ٿنڀن تي ٻيٺل آهي جنهن ۾ سي پيڪ، آءِ ايم ايف سان مالي معاهدا، ۽ مختلف ملڪن سان آزاد واپاري معاهدا (ايف ٽي اي). اهي ٽئي عنصر جيو بيلنسنگ ۾ پاڪستان جي ڪوشش لاءِ ضروري معاشي بنياد فراهم ڪن ٿا. انهن پاليسين جو مقصد پاڪستاني معيشت کي متنوع بڻائڻ آهي ته جيئن ٽيڪس آمدني، برآمدات ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري کي وڌايو وڃي، نه رڳو سپر پاورز کان پر خليج، آسيان ۽ وچ ايشيائي ملڪن کان پڻ سٺا تعلقات جوڙيا وڃن. عالمي طاقت جي توازن ۾ هي وڏي تبديلي پاڪستان جي پاليسي سازن جي فوري ڌيان جي ضرورت آهي. ايندڙ سالن ۾ پاڪستان جيڪي فيصلا ڪندو، اهي ايندڙ عالمي نظام ۾ ان جي جڳهه جو تعين ڪندا. ان حوالي سان، اڳوڻي پاڪستاني سفير ۽ ممتاز دانشور ڊاڪٽر مليحا لوڌي جو چوڻ آهي ته پاڪستان کي عالمي سطح تي پنهنجي اعتبار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي پرڏيهي پاليسي ۽ سفارتڪاري ۾ ”نرم طاقت“ کي شامل ڪرڻ گهرجي. اهو قابل ذڪر آهي ته 2025 ۾ صدر ٽرمپ ۽ پاڪستاني آرمي چيف جي وچ ۾ ٿيل ناياب ملاقات پاڪستان ۾ آمريڪا جي نئين دلچسپي کي اجاگر ڪيو خاص طور تي هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن ايشيا-پئسفڪ ۾ چين جو اثر وڌي رهيو آهي. پاڪستان توانائي جي معاهدن ۽ واپاري ملاقاتن ذريعي روس سان لاڳاپن کي تازو ڪيو آهي ۽ خليجي ملڪن، ايران ۽ وچ ايشيائي پاڙيسرين سان لاڳاپا وڌايا آهن. پاڪستان جو سيڪيورٽي تي توازن وارو عمل هڪ نازڪ معاملو آهي. چين چاهي ٿو ته سي پيڪ اثاثن جي سيڪيورٽي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي، خاص طور تي 2024 ۾ داسو خودڪش حملي کان پوءِ، جنهن ۾ چيني مزدور مارجي ويا هئا. JF-17 جنگي جهازن جي پيداوار ۽ ميزائل جي منتقلي ۾ تعاون ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهري فوجي لاڳاپن کي ظاهر ڪري ٿو پر اهو چيني دٻاءَ جو دروازو پڻ کوليندو آهي جڏهن سيڪيورٽي حملا ٿين ٿا. سرحد پار شدت پسندي، فتنا الخرجيت ۽ بلوچ بغاوتون، فتنا هندستاني، پاڪستاني ۽ پرڏيهي شهرين لاءِ خطرو بڻيل آهن اهي معاملا پاڪستان جي ساک کي چئلينج ڪن ٿا. تنهن ڪري پاڪستان کي پنهنجي اندروني سلامتي کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. آمريڪا-چين جي دشمني پاڪستان لاءِ هڪ پيچيده سيڪيورٽي ۽ معاشي چئلينج پيدا ڪري سگهي ٿي، جنهن جو حل هڪ ”محتاط حڪمت عملي“ ۾ آهي جيڪا بيجنگ سان ان جي ثابت ٿيل لاڳاپن تي تعمير ڪري ٿي پر خليج، آسيان، آفريقي ۽ وچ ايشيائي ملڪن سان لاڳاپن کي وڌائڻ تي پڻ زور ڏئي ٿي. چين سان ڀائيواري پاڪستان لاءِ سي پيڪ جهڙن منصوبن ذريعي بي مثال موقعا پيدا ڪيا آهن، جن ۾ انفراسٽرڪچر، واپار ۽ ٽيڪنالاجي جي منتقلي شامل آهي، جيڪي خود انحصاري ۽ عوامي خوشحالي جو سبب بڻجن ٿا. ساڳئي وقت، ٻين طاقتن سان متوازن رابطا نه رڳو چيني سيڙپڪاري کي مضبوط ڪري سگهن ٿا پر پاڪستان جي غيرجانبدار سفارتڪاري کي به مضبوط ڪري سگهن ٿا. آخرڪار، جيڪڏهن پاڪستان چين جي ويزن تحت هڪ متوازن عالمي ڏکڻ کي فروغ ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو جهڙوڪ شنگهائي تعاون تنظيم، برڪس پلس، ۽ اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جهڙن گهڻ طرفي ادارن ذريعي، ته اهو اوڀر ۽ اولهه ٻنهي جي ترقي لاءِ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ۽ عالمي سطح تي پنهنجي قدر وڌائي سگهي ٿو اهو ياد رکڻ گهرجي ته ايندڙ ٽن ڏهاڪن ۾ عالمي نظام ۾ هڪ ڊرامائي تبديلي جي اميد آهي، جنهن ۾ برڪس ملڪ، خاص طور تي چين، ايرندڙ طاقتن جي طور تي ظاهر ٿيندو. خريداري طاقت جي برابري جي لحاظ کان اڳتي وڌندو. چين، هندستان ۽ روس اڳ ۾ ئي دنيا جي چئن وڏين معيشتن ۾ شامل ٿي چڪا آهن. جيتوڻيڪ آمريڪا جو زوال بتدريج ٿيندو پر هڪ ڳالهه يقيني آهي ته مستقبل جو عالمي منظرنامو بلڪل مختلف هوندو جتي ٽيڪنالاجي عالمي معاملن جي هر پهلوءَ کي هلائيندي. اولهه هاڻي عالمي طاقت جو ٻي مثال مرڪز نه رهندو انڪري پاڪستان کي سنڀالي سنڀالي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي

شهيد عثمان غني

حبيب الدين جنيدي

پاڪستان ۾ آزاديءَ کان وٺي پورهيت تحريڪ هميشه ئي عالمي سرمائيدارن ۽ صنعت مولود رياستي مخالفت جو شڪار رهي آهي. اسان جي ملڪ اندر جنهن به مزدور تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي، ان کي دٻائڻ ۽ ڀت سان لڳائڻ ۽ چيپاڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پر حقيقت اها آهي ته معاشري ۾ پورهيت طبقي اندر اهڙا فرد هميشه پيدا ٿيندا رهيا آهن جن پنهنجون جانيون ته ڏئي ڇڏيون پر پنهنجي اصولن ۽ مزدورن جي حقن تي سوديبازي نه ڪئي. اهڙن ئي عظيم شخصيتن مان هڪ ناميار شخصيت شهيد عثمان غني جي هئي، جنهن کي ڏينهن ڏٺي جو نشانو بڻائي 17 سيپٽمبر 1995ع تي شهيد ڪيو ويو.

اڄ عثمان غني جي 30هين ورسي آهي، سنڌ ڌرتي ۽ پورهيت تحريڪ جو هي لافاني ڪردار جو واسطو ڪراچيءَ جي علائقي چنيسر ڳوٺ سان هو، جتي رهائش اختيار ڪرڻ کانپوءِ زندگيءَ جي آخري ڏهاڙن تائين اهو ساڳيو ڳوٺ سندس رهائشگاهه رهيو. نوڪريءَ جي شروعات مسلم ڪمرشل بئنڪ ۾ ملازمت سان ڪيائين، ملازمت دوران هو نه رڳو ملازمن سان سلهاڙيل رهيو پر پوري ريت پيپلز ٽريڊ يونين سان جڙجي ويو.

عثمان غني جلدي ئي ملازمن جي حقن جي جدوجهد ۾ اُڀري سامهون آيو ۽ مزدورن جو چيمپئن بڻجي ويو. هو نيشنل فيڊريشن آف ٽريڊ يونينز ۾ منتخب ٿيو جنهن ۾ کيس صدر جي حيثيت سان چونڊيو ويو. 1970ع کان 1990ع تائين پاڪستان جي سڀ کان وڏي مزدور تنظيم نيشنل ٽريڊ يونين فيڊريشن ۾ جنرل سيڪريٽري، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ۽ مرڪزي اڳواڻ چونڊيو ويو.

ان دوران ڪيترائي ڏکيا مرحلا آيا، ڪيترائي احتجاجي جلسا، هڙتالون، قيد ۽ بند سندس حصي ۾ آيا، پر عثمان غني اڳتي وڌندو رهيو. پهريون ڀيرو کيس بئنڪ هيڊ آفيس ۾ گرفتار ڪيو ويو.

ان کانپوءِ به هو لڳاتار گرفتار ٿيندو رهيو. 1991ع جي شروعات ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر عثمان غني کي لاڙڪاڻي مان گرفتار ڪيو ويو، پر ڪجهه وقت بعد کيس آزاد ڪيو ويو.

مزدور اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ هو هر وقت سرگرم رهيو. ملڪ گير سطح تي مزدورن کي گڏ ڪرڻ لاءِ هن اي پي ايس اي ڊبليو اي سي (a.p.s.e.w.a.c) جي نالي سان پرائيويٽ بئنڪن ۽ ادارن جي ملازمن جي نمائندگي ڪندڙ اتحاد جوڙي ورتو.

هڙتالن ۾ سندس ڪردار نمايان رهيو. جڏهن حڪومت نجي شعبي کي وڪڻڻ شروع ڪيو ۽ مسلم ڪمرشل بئنڪ کي خانگي شعبي حوالي ڪيو ته عثمان غني کي بئنڪ جي هيڊ آفيس مان گرفتار ڪيو ويو. ان کانپوءِ ڪجهه ڏينهن اندر کيس شاهراهِ فيصل تان وري گرفتار ڪيو ويو. پوءِ ميڪلوڊ روڊ تان به کيس گرفتار ڪيو ويو.

عثمان غني وڏو مزدور اڳواڻ هو. هن سڄي زندگي پورهيتن جي حقن لاءِ پتوڙيو، هن پنهنجي تنظيم کي مضبوط بڻايو ۽ بينظير ڀٽو جي ويجهو ٿيڻ لڳو. هو پنهنجي علائقي ۾ سماجي ڪم پڻ ڪيا. شهيد عثمان غني ڀٽو خاندان سان ويجهو رهيو ۽ بينظير ڀٽو کي به قائل ڪيو ته هو مزدورن جي جدوجهد ۾ ساٿ ڏئي.

17 سيپٽمبر 1995ع تي جڏهن هو پنهنجي گهر کان آفيس نڪري رهيو هو ته سندس تاڙ ۾ ويٺل قاتلن کيس شهيد ڪري ڇڏيو.

انا لله و انا اليه راجعون

شهيد عثمان غني هميشه ئي جدوجهد جو ڏيئو روشن رکيو ۽ پنهنجي زندگي قربان ڪري ٻيا ڏيئا پڻ روشن ڪيا.

سندس پٽ سعيد غني پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي ساڳي سياسي ۽ تحريڪي سفر شروع ڪيو.

سعيد غني به پنهنجي سياسي جدوجهد جي شرواعت ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کان ڪئي، ان کانپوءِ ٻه ڀيرا صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. پوءِ سينيٽر بڻيو. ان کانپوءِ کيس مختلف کاتن جا قلمدان سونپيا ويا. هن مختلف کاتن ۾ ذميواريون نڀايون.

اسان کي سدائين شهيد عثمان غني جي جدوجهد ڀري زندگي ياد رکڻ گهرجي. اها حقيقت آهي ته جڏهن ملڪ ۾ آمريت جو مڪمل قبضو هو، تڏهن به عثمان غني مزدور تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ پنهنجو سفر شروع ڪيو. هن پنهنجي زندگي جي ڏيئي کي ڪڏهن به وسائڻ نه ڏنو.

پورهيتن جي جدوجهد کي روڪڻ ڪڏهن به ممڪن ناهي، تاريخي حقيقت اها آهي ته رات ڪيتري به ڊگهي ۽ ڪاري هجي، پر صبح ضرور ٿيندي. شهيد عثمان غني جي جدوجهد پورهيتن لاءِ انصاف حاصل ڪرڻ جو روشن مثال آهي ۽ سندن قربانين تي هميشه ڀيٽا پيش ڪئي ويندي.

بقايا 01

مرڪزي چيئرمين علي محمد سومرو جي هدايتن تي ٺٽي ۽ ٻين شهرن ۾ ڪيترائي احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن. معصوم نياڻي سائره سومرو ڏهرڪي جي ميان ارسلان ۽ ٻين جي حويلي ۾ قيد آهي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته لاڳاپيل اعليٰ اختيارين فوري طور تي نوٽيس وٺن، سائره سومرو کي حويلي مان آزاد ڪرايو وڃي، ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ نياڻي جي تحفظ لاءِ فوري طور تي قدم کنيا وڃن. عبدالجبار سومرو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته معصوم ڇوڪرين تي ظلم ۽ قيد نه رڳو اخلاقي پر قانوني ڏوهه آهي، جنهن تي جيڪڏهن فوري طور تي ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. سائره سومرو جهڙي مظلوم نياڻي کي انصاف نه ملڻ تائين خاموش نه ويهندا سين. احتجاج ۾ عبدالباسط سومرو، عبدالبصير سومرو، علي حيدر سومرو، محمد پنهل، عبدالستار سومرو، پرويز ساجد ارسلان، عبدالحق ملوڪ سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ سخت نعريبازي ڪئي.

بقايا 02

موجب دنيا جي ٻين ملڪن وانگر پاڪستان ۾ به صحافتي آزادي پنجاهه ورهين ۾ هيٺين سطح تي پهچي وئي آهي يونين جي عهديدارن جو چوڻ هو ته ملڪ ۾ صحافت ڪيترن بحرانن جو شڪار آهي رياستي طاقت ذريعي اظهارِ راءِ کي دٻايو پيو وڃي ۽ قانونن کي هٿيار بڻائي صحافين کي نشانو بڻايو پيو وڃي حڪومتن جي دٻاءَ سبب اخبارن جي اشاعت جا خرچ وڌي ويا آهن ۽ سرڪاري اشتهارن جي بندش پرنٽ ميڊيا کي سخت متاثر ڪيو آهي، جڏهن ته اليڪٽرانڪ ميڊيا سياسي اثر ۽ ڪارپوريٽ گرفت ۾ جڪڙيل آهي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته ميڊيا مالڪ صحافين جو استحصال ڪن ٿا، مهينن تائين تنخواهون روڪي رکن ٿا، روزگار ۾ بيچيني وڌي وئي آهي ۽ اختلاف ڪندڙ صحافين کي بليڪ لسٽ يا برطرف ڪيو وڃي ٿو سخت مهانگائي سبب صحافين لاءِ پنهنجن خاندانن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ به مشڪل ٿي ويو آهي، جنهن ڪري ڪيترائي صحافي اهو شعبي ڇڏي وڃڻ تي مجبور ٿي ويا آهن پي ايف يو جي ورڪرز جي سيڪريٽري جنرل راجا رياض ۽ ڪي يو جي ورڪرز جي صدر فواد محمود حڪومت کان گهر ڪئي ته صحافت ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 03

ليٽس گهٽجڻ جي علامتن سان اسپتال ۾ داخل ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر ديال. هر روز نون ڪيسن ۾ واڌ ٿي رهي آهي، جڏهن ته موجوده سهوليتون مريضن جي وڌندڙ انگ لاءِ ناڪافي ثابت ٿي رهيون آهن اسپتال ۾ بيڊن جي کوٽ هجڻ ڪري ڪيترن ئي مريضن کي ڪرسين تي ويهاري علاج هيٺ رکيا ويا آهن. علائقي واسين ضلعي انتظاميا ٿرپارڪر ۽ صحت کاتي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي فوميگيشن مهم هلائي وڃي ۽ اسپتال ۾ ڊينگي وارڊ لاءِ وڌيڪ سهوليتون فراهم ڪيون وڃن. ٻئي پاسي صحت کاتي جي آفيسرن دعويٰ ڪئي آهي ته ڳوٺن ۾ ٽيمون موڪليون ويون آهن ۽ ڊينگي جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. پر مقامي ماڻهن موجب اڃان تائين عملي سطح تي ڪا به اهم ڪارروائي نظر نٿي اچي.

بقايا 04

جي ڪنٽرولر علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جي درخواست تي، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جي تحت 15 سيپٽمبر کان ٿيندڙ امتحانن کي منصفانه ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ فوري طور تي قائم ڪيل امتحاني مرڪزن گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول صغير ڪالوني جهڏو، گورنمينٽ اپوا هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۽ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ڏگهڙي جي آسپاس ۾ غير قانوني سرگرمين تي قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏي آهي، جيڪي امتحانن تائين منجهند 2 وڳي کان شام 5 وڳي تائين هوندا. ڪمشنر لاڳاپيل پوليس اسٽيشنن جي ايس ايڇ اوز کي خلاف ورزي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي.

بقايا 05

ڪندي ڏانهيو ته منهنجي پيءُ ماءُ مونکي جڳهه لکي ڏني آهي، جنهن ۾ پنجاهه سالن کان ان جڳهه ۾ رهندي آهيان. هن چيو ته مڙس محمد حسن پنهنجي پاڻرن محمد بخش سومرو، امتياز سومرو، ممتاز سومرو، منظور سومرو ۽ ٻين کي باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ ڪوهارا مان لڏائي پاڻ وٽ رهايو، جن جون شاديون منهنجو سون ڪپائي ڪرايون پر هاڻي جان جا ويري بڻجي ويا آهن. هن چيو ته ڏير محمد بخش سومرو، امتياز سومرو ۽ ٻين ڏوڪري ويجهو پنهنجي جڳهه وٺي 20 سالن کان اتي رهائش پذير آهن، پر هاڻي بااثر ماڻهو پلاٽ خالي ڪرائڻ لاءِ ڏيرن کي استعمال ڪري رهيو آهي، جيڪي مون کان جڳهه جو حصو ڏيڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن. هن چيو ته ڏوڪري پوليس منهنجن ڏيرن ۽ بااثر جي ڏر بڻجي تنگ ڪندي زبردستي گهر ۾ گهڙڻ سميت منهنجي پيرسن مڙس کي گرفتار ڪري جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته پوليس جمعدار گهر تي اچي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ته جوابدارن کي حصو ڏيان جيڪو سراسر ظلم ۽ ناانصافي آهي. هن ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته مونکي ڏيرن ۽ بااثر کان تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 06

وقت کان ستل ڏسي گرائونڊ جي هڪ چوڪيدار جڏهن سندس ويجهو وڃي ڪيس اٿاريو ته هو مئل هيو سٽي گرائونڊ انتظاميه اهڙو اطلاع ڪنڌيارو پوليس کي ڏنو ڪنڌيارو پوليس لاش تحويل ۾ وٺي سندس وارثن کي اطلاع ڏيندي لاش تعلقه اسپتال ڪنڌيارو پهچايو آخري اطلاعن تائين موت جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو هيو.

بقايا 07

۾ ادا ڪيي ويي نماز جنازا ۾ پ پ ضلع ڪايونسل ميمبر پير امجد جان سرهندي پ پ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه جو فرزند سيد عون محمد شاهه منظور قايم خاني سيد اسلم شاهه سردار غلام رسول ڏونڪايي اڳوٽون ضلع ڪايونسل ميمبر غلام محمد ڪپري اڳوٽون يوسي وايس چيرمين فتح ڪپري ڪانيو خان چانديو محمد موسا شاهاڻي محمد شريف شاهاڻي محمد نواز ڪاڇيلو واحد مهر غلام رسول راڄڙ نور محمد راڄڙ غلام مصطفىٰ بنگلاڻي مدثر ڪوٽڙيو صحافي برادري ۾ فيض محمد شاهاڻي اياز بنگلاڻي لعل بخش خاصخيلي نويد ڪمار ڪيول سرماڻي ۽ ٻين علايقي جي معزز ماڻهون وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي سندس مڙهه کي سوين آلين اکين سان سيد شاهه علي شاهه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس تڏو ڳوٺ محمد اسلم شاهاڻي ۾ وڇايو ويو آهي جتي تعزيت جو سلسلو جاري آهي هونئڻ سي اير او عمرڪوٽ سيد ساجد حسين شاهه پ پ يوسي چيئرمين رييس نصير خان ڏونڪايي راڻا ذوالفقار راجپوت محمد بخش ڪوسو اڪمل شاهاڻي سيد ڪرم حسين شاهه سيد جاويد شاهه عبدالخالق آرايين رفيق دوم غفور ڀرهاڻي سلطان ڀرهاڻي تيپدار سڪندر سيال محمدخان شاهاڻي ٻين تڏي تي پهچي محمد اسلم شاهاڻي صحافي بشير شاهاڻي صحافي سڪندر شاهاڻي سان تعزيت ڪيي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو نوجوان محمد گل جي اچانڪ وڇوڙي تي علايقي ۾ سوڳ وار ماحول چانيل آهي

بقايا 08

اسٽيشن ڪينجهر تي 2 ڏار ڏار ڪيس داخل ڪري سندن ساٿين جي گرفتارين لاءِ پوليس ڇاپن جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي، صحافين سان ڳالهائيندي ڊي ايس پي جهرڪ واجد ٿهيم ۽ ايس ايڇ او ڪينجهر زاهد شيخ ٻڌايو ته ٺٽو حيدرآباد روڊ تي ترڪن مان سامان چوري ڪندڙ گينگ جي هڪ ڏوهاري علي حسن شورو کي گرفتار ڪري چوري ڪيل سامان ۽ واردات ۾ استعمال ٿيل پسٽل برآمد ڪري ڪيس داخل ڪري گرفتار جوابدار جي نشاندهي تي سندس ٻين ساٿي ڏوهارين جي گرفتارين لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري ڪيو ويو آهي، جن کي پڻ جلد گرفتار ڪيو ويندو. ٻئي طرف SSP ٺٽو فاروق احمد بجاراڻي ٺٽو/حيدرآباد روڊ تي ترڪن مان سامان چوري ڪندڙ ڏوهاري گينگ جي هڪ ڏوهاري کي گرفتار ڪري چوري ڪيل سامان برآمد ڪرڻ تي پوليس ٽيم جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي آهي.

بقايا 09

روز نون ڪيسن ۾ واڌ ٿي رهي آهي، جڏهن ته موجوده سهوليتون وڌندڙ مريضن لاءِ ناڪافي ثابت ٿي رهيون آهن بيڊن جي کوٽ سبب ڪيترن ئي مريضن کي ڪرسين تي ويهاري علاج هيٺ رکيو ويو آهي. علائقي واسين ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي فوميگيشن مهم هلائي وڃي ۽ ڊينگي وارڊ لاءِ وڌيڪ سهوليتون فراهم ڪيون وڃن ٻئي پاسي، صحت کاتي جي آفيسرن دعويٰ ڪئي آهي ته ڳوٺن ۾ ٽيمون موڪليون ويون آهن ۽ روڪٿام لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. پر مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته اڃا تائين عملي سطح تي ڪا به اهم ڪارروائي نظر نٿي اچي.

بقايا 10

سميت ٻئي ڪابه مدد نه ٿيڻ خلاف ليمون خان شيخ مظهر شيخ مجنو شيخ علي ڏنو تاجن علي نواز شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته اسانجو ڳوٺ تقريبن 7 سئو کان وڌيڪ گهرن تي مشتمل آهي جيڪو 2010 واري مها ٻوڏ کان وٺي هن وقت تائين سمورو ڳوٺ پل نه ٺهڻ ڪري اڳ ئي مسئلن جو شڪار ٿيل آهي ويترهن تازي آيل ٻوڏ جي پاڻيءَ جي وڏن وهڪرن وڌيڪ سورن ۾ وجهي ڇڏيو آهي پر سنڌ سرڪار توڙي تڪ جي چونڊيل نمائندن هن وقت تائين ڪچي مان پڪي جي طرف ڌيان نڪرڻ لاءِ ڪوبه بندوبست نه ڪيو آهي جنهن ڪري ڳوٺ جا سوين ٻوڏ متاثر ۽ مال وند ماڻهون مال پالتو جانورن سميت قاتل آهن جڏهن ته ڪجهه ٻوڏ متاثر ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪرائي جون ٻيڙيون ڪري لڏپلاڻ ڪري بچاءَ بند تي ڪچا چيرا ناهي ويٺل آهن جن کي به سرڪار طرفان ميڊيڪل ڪئمپ راشن ٽينٽ مڇردانيون يا وري ٻئي ڪابه سهولت نه ڏني وئي آهي جنهن ڪري سخت پريشان آهيون ان موقعي تي هنن وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه ڊپٽي ڪمشنر خيرپور سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن کان به مطالبو ڪيو ته 2010 واري ٻوڏ ۾ سندن ڳوٺ کان بچاءَ بند تائين تباهه ٿيل پل نئين سر تعمير ڪرائي ٻوڏ متاثرين جا ٿيل مسئلا حل ڪرائي پريشانيون ختم ڪيون وڃن.

بقايا 11

عبدالخالق ڏاهري منصور احمد ڏاهري الله بچايو قريشي مسرور احمد هاليپوٽو وسيم احمد عباسي ۽ ٻين ملازمن پاران پلي ڪارڊ هٿن ۾ کڻي سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي مرڪزي اڳواڻ آپڪا آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ احمد علي ڏاهري خطاب ڪندي چيو ته سرڪاري رٽائرڊ ملازمن جي پينشن 35سيڪڙو DRA الائونس، گروپ انشورنس ۽ ٻيون مراعتون رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جو حق آهي جيڪو کين سنڌ حڪومت طرفان نٿو ڏنو وڃي سرڪاري رٽائرڊ ملازم جو سهارو پينشن ئي آهي جيڪا هن کي زندگي جو گذر صفر ڪرڻو هوندو آهي جنهن هو گهر جو خرچ هلائيندو آهي پنهنجي اولاد جي تعليم صحت تندرستي شادي ۽ پيٽ جو گذر صفر ڪندو آهي اسان سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيون ٿا ته رٽائرڊ ملازمن کي پنهنجا حق ڏنا وڃن ۽ سنڌ حڪومت کي پنهنجو فيصلو واپسي وٺي ۽ سرڪاري رٽائرڊ ملازمن مان بيچيني دور ڪئي وڃي

بقايا 12

قيمتي موٽرسائيڪلن ۾ معمولي قيمت جو لاڪ به استعمال نٿا ڪن، جنهن سبب چورن کي گاڏيون چوري ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي، هن وڌيڪ چيو ته شهري ذميوار بڻجي موٽرسائيڪلن ۾ لاڪ لڳرائن ۽ پوليس سان پرپور تعاون ڪن، ته جيئن امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائي سگهجي.

بقايا 13

پائر ذاڪر سناني جڪراڻي ۽ عامر سناني جڪراڻي قتل ٿي ويا پوليس موجب ٻنهي ڌرين ۾ پراڻو تڪرار هلندڙ آهي جنهن ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻه پائر ذاڪر سناني جڪراڻي ۽ عامر سناني جڪراڻي قتل ٿي ويا آهن وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي مقتولن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويندا

بقايا 14

مرحوم جي پٽ، قومي اسيمبلي جي ميمبر سردار علاءُالدين جونيجو سنڌس پياءُ سردار محمد خان جونيجو ۽ جوڻيجا خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مرحوم روشن الدين جوڻيجو اصول پرست، بهادر ۽ بااخلاق سياستدان هو هن هميشه سماجي هم آهنگي، جمهوري قدرن ۽ عوامي خدمت کي پنهنجو شعار بڻايو هن جي وفات سان علائقائي سياست کي وڏو نقصان پهتو آهي.

بقايا 15

منعقد ڪيو ويو رپورٽ موجب شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي ميلاد جي سلسلي ۾ مير ٽوريس پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ جي سربراهي هيٺ نهايت عقيدت و احترام سان هڪ شاندار جشن جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ يونيورسٽي جي شاگردن شاگردياڻين ۽ پروفيسرز صاحبان ۽ ٻين ڀرپور شرڪت ڪري روحاني اجتماع ۽ ڪي ڪامياب ڪيو ان موقعي تي ميلاد جي تقريب کي مشهور مذهبي دانشور مولانا ڊاڪٽر سيد اقبال زيدي مولانا انصار ثقلين مشهدي پروفيسر ڊاڪٽر شاهده پٺاڻ پروفيسر ڊاڪٽر خالده مهر سيده شمائلا رباب رضوي پروفيسر تاج محمد لاشاري ڊاڪٽر علي رضا ڊاڪٽر عنايت پٽي ڊاڪٽر غلام انور اظهري اقرار مهدي شيخ ۽ ٻين خطاب ۾ اسلامي تعليم جي اهميت اتحاد بين المسلمين ۽ حسن اخلاق جهڙي موضوعات تي روشني وڌي مقررين چيو ته نبي اڪرم صلعم جن جي سيرت پاڪ انسانذات لاءِ بهترين نمونه عمل آهي محبت اخوت ۽ اتحاد جو پيغام آهي مقررين وڌيڪ چيو ته اچوڪي ميلاد جي محفل جو سهرو يونيورسٽي جي وي سي ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ ڏانهن وڃي ٿو وائيس چانسلر مثبت ۽ علمي سرگرمين کي فروغ ڏئي ٿو هن جي ادبيانا دلچسپي سبب يونيورسٽي ۾ علمي روحاني ۽ سماجي پروگرام ٿيندا رهن ٿا جشن عيد ميلادالنبي جو پروگرام ان جو حصو آهي جڏهن ته ميلاد النبي ص جي محفل ۾ عباس علي زيدي حيدر مظفر زيدي پروفيسر نذرحسين ماڪن خان خادم علي ميراڻي اشرف علي بلوچ باقر علي خصوصي شرڪت ڪئي

بقايا 16

اين اي محمد خان جوڻيجو . ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو . غياث الدين جوڻيجو. ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو آدم جي چيئرمين چاچا غلام مرتضا جوڻيجو . شاهجهان جوڻيجو. ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفا شاهه اڳوڻي ايم پي اي فراز ڏيرو. اڳوڻي ايم اين اي لياقت علي مري ايس پي سانگهڙ عابد بلوچ پ پ پ اڳواڻ شڪيل مري ايم پي اي جام شبير علي نواب جام نفيس علي خان اڳوڻي سينيٽر ملڪ امام الدين شوقين . نالي واري صنعتڪار حاجي محمد صالح ميمڻ ذوالفقار علي زرداري وڏيرو صالح خان ابڙو . بلاول ٿهيم . لالا محمد ايوب سميت سياسي سماجي وڪلا صحافين جي وڏي انگ نماز جنازا ۾ شرڪت ڪئي مرحوم روشن الدين جوڻيجو جي تدفين سوئي ڪندر قبرستان ۾ ڪئي وئي

بقايا 17

وڌي ويو آهي. جڏهن ته صحت کاتو مڪمل طور غافل نظر اچي رهيو آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسپري نه ٿيڻ سبب شام جو وقت گذارڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي، جو ته مڇرن جي وڌڻ ڪري ٻارڙا ۽ بزرگ سخت متاثر ٿي رهيا آهن. ماڻهن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي سينارجا ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ مڇر مار مهم شروع ڪئي وڃي، ته جيئن بيمارين کان بچاءَ ممڪن بڻجي سگهي.

بقايا 18

تلهار پوليس اسٽيشن پهچايو جتي سڃاڻپ ۽ پڇا ڳاڇا کان پوءِ معلوم ٿيو ته هو ٽائون ڪميٽي تلهار جو چوڪيدار هو ضروري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاش کي رورل هيلٿ سينٽر تلهار مان وارثن حوالي ڪيو ويو عبدالحميد خاصخيلي جو تعلق بڳڙا ميمڻ بدين سان ٻڌايو پيو وڃي. هو گذريل شام بدين مان تلهار ڊيوٽي تي اچي رهيو هو جڏهن بس تلهار اسٽاپ تي بيٺي ۽ ڇت مٿي ويٺل مسافر نه لٿو ته ڪلينر مٿي چڙهي ڏٺو ته عبدالحميد ڇت تي بيهوش پيو هو جنهن کان پوءِ خبر پئي ته هو انتقال ڪري ويو ياد رهي ته عبدالحميد جو پاءُ اڳ ۾ آرمي ۾ ڊيوٽي دوران پڻ شهيد ٿي ويو هو

بقايا 19

جو انڪشاف ٿيو آهي تفصيل موجب، تلهار ۾ ملاوٽ ٿيل ۽ غير معياري تيل جي خريد ۽ فروخت ۾ تيزي سبب شهري مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن ٻڌايو ويو آهي ته هر هفتي اها گاڏي تلهار اچي ٿي، جنهن کي شهر کان ٻاهر هڪ مقامي پيٽرول پمپ تي لڪائي بيهاريو وڃي ٿو جتان لڪل طريقي سان مختلف دڪاندارن کي هي ملاوٽ ٿيل تيل فراهم ڪيو وڃي ٿو ڪجهه مهينا اڳ به هن غير معياري تيل خلاف شهري احتجاج ڪري چڪا آهن. پر فوڊ اٿارٽي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن طرفان ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وئي شهرين جو چوڻ آهي ته هي "موت جو سامان" اڄ به تلهار ۾ هزارين ليٽر جي حساب سان وڪرو ٿي رهيو آهي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ملاوٽ ٿيل شيون ۽ غير معياري خوراڪ تي فوري ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 20

وٺي خبر موجب ڳوٺ نبياهو خان پاتو جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم ٿيل ڳوٺاڻن جو چوڻ هيو ته اسڪول جي بلڊنگ 2022 واري برساتي ٻوڏ سبب زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻارڙا وڻ جي هيٺان تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. اسڪول جي بلڊنگ مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي آهي. جنهن سبب اسان جا معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم ٿيل آهن. مظاهرين وڌيڪ چيو ته ڪافي پيرا تعليم کاتي جا بالا آفيسر اسڪول جي بلڊنگ ڏسي ويا آهن. پوءِ به بلڊنگ جو تعميراتي ڪم نه پيو ڪرايو وڃي ٺهرائي استادن ۽ ڳوٺاڻن پاران اهو به چيو ته ڪروڙين روپيا تعلقي جي بجيٽ آهي اسڪولن ۽ نه فرنيچر آهي نه اسڪولن جي ريپر ڪرائي ٿي وڃي جو اسان جا معصوم ٻارڙا تعليم پرائي سگهن. ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي عملدارن تي الزام لڳائيندي چيو ته تعليم کاتي ۾ ڪرپشن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي اسان جي تعلقي ۾ هيڙا ڪيترائي اسڪول آهن جن ۾ نه فرنيچر آهي نه ئي اسڪولن ۾ ٻيو سهوليتون آهن ڳوٺاڻن جو اهو به چوڻ هيو ته اڳ به هن اسڪول جي بلڊنگ جا ڇاپڙ ڪري پيا هيو جنهن سبب هڪ استاد ۽ ٻه معصوم ٻارڙيون زخمي ٿي پيو هيون استادن شاگردن ۽ ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه تڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ٿي ڪجي ته نوٽيس وٺي اسڪول جي بلڊنگ جي مرمت ڪرائي معصوم ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي،

بقايا 21

ڪرائڻ جي هدايت، خبر موجب ميرپورماٿيلو جي ڳوٺ سردار خان بوزدار جي رهواسي نينگري رابعه بوزدار جي بازيابي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻنچ سکر ۾ داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي، عدالت جي طلب ڪرڻ تي ڊي آءِ جي سکر فيصل عبد چاچڙ، ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران ۽ ٻيا پيش ٿيا، سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ جسٽس محمود اي خان جي سنگل بئنچ آڏو درخواستگذار مائي سوڏي بوزدار جي وڪيل فريدان پيو دليل ڏيندي چيو ته ڪجهه ورهيه اڳ مائي سوڏي کي مڙس شهمير گهران ڪيڏي بعد ۾ طلاق ڏئي ڇڏي هئي، ان دوران شهمير 9 ورهين جي نينگري رابعه کي پاڻ وٽ رکي ٻيه ننڍا ٻار ماءُ جي حوالي ڪيا هئا، والد سان گڏ رهندڙ نينگري رابعه ڪجهه مهينن کان گم آهي، 23 جون 2025 ع تي درخواستگذار حد جي ميرپورماٿيلو ٿاڻي تي پهچي لکت

بقايا 22

خان چانديو . ناياب لغاري ڊيرڪ شاهه . صوبائي وزير ذوالفقار شاهه صوبائي وزير ضياء لنجار ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد فيصل بشير ميمڻ . نواز ڪنير . فقير حسين بخش خاصخيلي. معشوق چانديو ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد صوبائي وزير شبير بجاراڻي ۽ ٻين تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي

بقايا 23

ڪي سرڪار پاران هڪ سر به نه ملي سگهي اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد بغير ڪنهن سهوليت جي پٽ تي يا کٽ تي وڻ هيٺان ويهي تعليم پرائي رهيا آهن وڻ هيٺان ويهڻ سبب موسمي تبديلين شاگردن کي تڪليف پهچائي ٿيون جنهن سبب استادن کي پڙهائڻ ۽ شاگردن کي پڙهڻ ۾ روزانو جي بنياد تي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئي ٿو مسلسل علائقي جي ڳوٺاڻن جو ٽيون نسل وڻ هيٺان تعليم پرائي رهيو آهي پر سرڪار پاران ڪابه سار نه لڌي وئي ڪيترائي دفعا لکت زباني ۽ احتجاجن ذريعي ڌيان ڏياريو ويو آهي پر اسڪول جي بلڊنگ منظور نه ٿي سگهي لڳ ساڙيندڙ گرمي هجي يا رت جمائيندڙ سردي معصوم ٻار توڙي استاد بنا ڪنهن سهوليت جي وڻ هيٺان ويٺيون ڪتون ۽ رليون رکي اسڪول کي مسڪن بنائي ويٺل آهن استاد اسماعيل چنو طارق عزيزالله پرهه مايا ڳوٺاڻن استادن ۽ شاگردن تعليم کاتي وزير تعليم ٻين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور بلڊنگ منظور ڪرڻ سان گڏ فرنيچر سميت ٻيون بنيادي سهوليت ڏيئي معصوم شاگردن جو مستقبل بچايو وڃين

بقايا 24

وٺي پر ڪوبه ڏس پتو نه ملي سگهيو ماءُ جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي داخل. گمشدگي واري واقعي تي وارث ۾ پريشاني چانيل آهي

بقايا 25

ڪرڻ واريون چٽيون به ملڻ شروع ٿي ويون آهن. جنهن چني ۾ لکيو ويو آهي ته هڪ مهيني اندر کين 50 لک روپيه ڪيش رقم ڏيڻ سميت درگاهه کي به خالي ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ کين پهچندڙ نقصان جا ذميوار هو خود پاڻ هوندا. اهڙي اردو ۾ لکيل چٽي ملڻ بعد درگاهه جي خدمتگار غلام قادر جوکيو پاران پوليس پوسٽ جنگشاهي تي پهچي ڌمڪين واري مليل چٽي پوليس کي ڏيکاريندي رپورٽ درج ڪرائيندي ٻڌايو آهي ته تازو پيل تيز طوفاني برساتون جيڪي 7 سيپٽمبر کان شروع ٿيون هيون، جنهن ڪري هو درگاهه تي اچي نه سگهيو ۽ هو درگاهه تي 11 سيپٽمبر تي آيو جيئن ئي هن پنهنجي بيٺڪ وارو ڪمرو کوليو ته سندس ڪمري مان ڪيس اردو اکرن ۾ لکيل هڪ چٽي ملي، جنهن تي ڪيس هڪ مهيني ۾ 50 لک روپيه ڪيش ڏيڻ سميت درگاهه کي به خالي ڪرڻ جي ڌمڪي لکيل آهي، هڪ مهيني اندر 50 لک روپيه ڪيش رقم ۽ درگاهه خالي نه ڪرڻ جي صورت ۾ کين پهچندڙ نقصان جا اهي پاڻ ذميوار هجڻ جي پڻ ڌمڪي لکي وئي آهي، درگاهه جي خدمتگار موجب درگاهه تي سي سي ٽي وي ڪئميراءُن لڳل آهن. جيڪي سولر سسٽم تي هلن ٿيون پر برساتن دوران سولر سسٽم جون بيٽريون چارج نه ٿيڻ ڪري سي سي ٽي وي فوٽيج ملي ناهن سگهيا ته اها شرارت ڪنهن ڪئي آهي، هن گهر ڪئي آهي ته کين تحفظ مهيا ڪري درگاهه تي سندن تحفظ لاءِ پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪري ڪيس ڌمڪين واري مليل چٽي جي جانچ ڪرائي ملوثن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن هو وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهن.

بقايا 26

اڳواڻ بشير سرڪي، شعيب نوناري، برڪت علي لاشاري، حاڪم ڏول، عالم جعفري، لياقت علي برڙو، اشفاق احمد سرڪي ۽ ٻين سائين جلال محمود شاهه کي جنم ڏينهن جون واڌايون ڏيندي سندس صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 27

مان ڪيترائي محلن ڳوٺن جا رهواسي هن جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم آهن، شهر اندر بار بار احتجاج ٿيڻ جي باوجود به انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندن ڪو نوٽيس نه ورتو آهي. رهواسين جو چوڻ آهي ته اسان پنهنجا ووٽ ڏنا، پر اسان جي ڪا به قدر نٿي ڪئي وڃي، صرف اليڪشن وقت اسان جي ياد اچي ٿي. پبلڪ هيلٿ راڻيپور جو ڪو ڪردار نه آهي هڪ ٺيڪيدار انعام ڪانڊرو کي ڪنٽرول نه ٿو ڪري سگهجي ان متان ڪرڙن جي ميبنا ڪرپشن جا ميبنا الزام آهن اسٽيشن روڊ، پراڻو گمبٽ راڻيپور روڊ ڳوٺ علي آباد وساڻ واڻٽي وڏا گانگهرا عباسي سالاري ماڇي - جوڳي ڳوٺ شهباز ڪالوني ڪيلا مارڪيٽ سان گڏ ڪيترائي محلن جا رهواسي احتجاج به ڪن ٿا دانهون به ڪن ٿا احتجاجي مظاهرا به

ڪن ٿا پر چونڊيل ميمبران زميواران کي جڻ ڪان خبر نه هجي افسوس ڪري سگهون ٿا شهري ووٽرس سماج سڌارڪ. ڊانهيندي چون ٿا ته پاڻي، نيڪال، صفائي ۽ جهڙن بنيادي مسئلن جو ڪو حل نٿو ڪيو وڃي، جنهن سبب علائقي ۾ رهندڙ غريب ماڻهو سخت تڪليفن جو شڪار آهن. سندن چوڻ آهي ته چونڊن ۾ اسان کان ووٽ ورتا وڃن ٿا، پر پوءِ اسان کي وساري ڇڏيو وڃي ٿو. اسان جو قدر صرف ووٽ ڏيندي وقت ڪيو وڃي ٿو رهواسين خبردار ڪيو آهي ته ايندڙ چونڊن ۾ اسان حساب وٺنداسين، ووٽ رکي اسان پنهنجو فيصلو پاڻ ڪنداسين هنن چيو ته بنيادي مسئلن جو حل نه ٿيڻ تائين اسان جو آواز بلند رهندو ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ اسان پنهنجو واضح موقف ڏينداسين.

بقايا 28

ڪندي چيو ته ضلعي ٿٽي سميت گهوڙاٻاري تعلقي ۾ به 9 کان 14 ورهين جي نياڻين کي سروِيڪل ڪينسر کان بچاءَ لاءِ ويڪسين ڏيڻ جي مهم زور شور سان شروع ڪئي وئي آهي. هن ٻڌايو ته ضلعي اندر لڳ ڀڳ 72 هزار نياڻين کي هي حفاظتي ٽڪا لڳائڻا آهن، جنهن لاءِ مختلف ويڪسين ٽيمون تعلقي گهوڙاٻاري جي ڳوٺن ۽ اسڪولن ۾ به روانيون ٿي ويون آهن. ايماندار ڊاڪٽر ساجد شيخ جو چوڻ هو ته هي ويڪسين عورتن جي ٻچي داني ۾ ٿيندڙ امڪاني ڪينسر کان بچاءَ لاءِ انتهائي اهم آهي. ان ڪري والدين کي گهرجي ته پنهنجي نياڻين کي لازمي طور ٽڪا لڳرائين. هن وڌيڪ چيو ته مهم جي شروعاتي تقريب ۾ مقامي سماجي ڌرين ۽ ڳوٺاڻن کي شامل نه ڪرڻ سبب آگاهي گهٽ رهي، پر هاڻي خاص طور تي تعلقي گهوڙاٻاري ۾ ميڊيا، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سان گڏجي وڏي سطح تي آگاهي مهم هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ته جيئن هر نياڻي تائين ويڪسين پهچي سگهي.!

بقايا 29

ارباب چيو ته مڪلي تي ناريجا ڳوٺ سميت مختلف علائقن ۾ بجلي چورن خلاف سخت ڪاروايون جاري ڪندي وڏي تعداد ۾ غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽي بجلي جي تارن کي پڻ تحويل ۾ ورتو ويو آهي، هن چيو ته بجلي ميٽر هولڊرن کي گهرجي ته هو بجلي جي بقاياجات جلد کان جلد جمع ڪرائين. SDO واپڊا رياض ارباب بجلي چوري ڪندڙن کي وارننگ ڏيندي چيو ته هو فورن بجلي چوري کان پاسو ڪري بجلي جا ميٽر لڳرائين، جيئن بجلي جي بچت ٿي سگهي، ٻئي صورت ۾ بجلي جي چورن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 30

تائين پهچائڻ لاءِ ساڄي طرف واري سائيڊ مان مشڪل سان گذارڻو پيو شهرين سخت افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ٽائون ڪاميٽي راڻيپور جي انتظاميا جي لاپرواهي سبب اهڙو ڏينهن ڏسڻو پيو جو پنهنجي عزيزن جي آخري سفر ۾ به تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون.

بقايا 31

مقرر نه ڪيو وڃي. 14 ورهين جي نوجوان محبوب علي گجريو ملاح کي بنا ڪنهن ڏوهه جي اغوا ڪري حوالات ۾ رکيو ويو، جنهن جا هٿ ۽ پير زنجيرن سان ٻڌل هئا. هن حوالي سان ڇوڪري جي والده ماروي گجريو ملاح عدالت سان رجوع ڪيو هو عدالت جي حڪم تي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڳاڙهو ريڊ ڪميشنر جي حيثيت سان ڇاپو هڻي ڇوڪري کي پوليس جي حراست مان بازياب ڪرايو رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو ته نوجوان خلاف ڪا به ايف آءِ آر داخل نه هئي ۽ نه ئي گرفتاري ظاهر ڪئي وئي هئي. نوجوان عدالت ۾ بيان ڏنو ته ڪيس بابو شاهه جي مئنيجر صفر شاهه جي چوڻ تي معمولي اختلافن جي بنياد تي 8 پوليس اهلڪارن ذريعي گرفتار ڪرايو ويو ان دوران پوليس جمعدار علي محمد سندس سان زيادتي ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي. عدالت هن رويئي کي شرمناڪ، غير اخلاقي ۽ غير قانوني قرار ڏنو عدالت ايس ايڇ او سميت 8 پوليس اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ، متاثر نوجوان ۽ سندس والده جو بيان قلم 154 سي آر پي سي تحت رڪارڊ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ساڳي وقت ايس ايس پي ٺٽو کي هدايت ڪئي وئي ته ٽن ڏينهن اندر ڪيس داخل ڪري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڇهن ڏينهن اندر رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وڃي.

بقايا 32

تعليم فراهم ڪرڻ ۽ عوام کي بنيادي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ترجيحن ۾ شامل آهن ۽ پي پي جي اعليٰ قيادت پڻ هميشه معياري تعليم جي فروغ ۽ بنيادي صحت جي سهولتن جي فراهمي کي ترجيح ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ چيو ته ضلعي ڪائونسل جا ميمبر پڻ بنيادي انساني سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن. اجلاس ۾ ضلعي ڪائونسل جي ميمبرن، جن ۾ خادم حسين ڀرهاڻي، نادر علي لغاري، عظيمت چانديو مير محمد بخش ٽالپر، غلام مصطفيٰ، محمد جمن مري ۽ ٻين، تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام محمد ۾ صحت جي خراب صورتحال، سرڪاري ڊسپينسرين کي فعال بڻائڻ عملي جي فراهمي، اسڪول جي عمارتن جي مرمت ڪرائڻ، ڪينال جي پاڻي جي فراهمي جي شيڊول کي بهتر بڻائڻ، جانورن جي ويڪسينيشن، نادرا آفيس ڪوٽ غلام محمد جي عملي جي بدسلوڪي ۽ سرڪاري ملازمن جي پينشن کي روڪڻ بابت مسئلا اٿاريا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر رشيد مسعود خان چيو ته ضلعي ڪائونسل جا چونڊيل ميمبر صحت ۽ تعليمي ادارن جي عمارتن جي مرمت بابت ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ درخواستون جمع ڪرائين ته جيئن انهن عمارتن کي تعمير ۽ مرمت جي منصوبن ۾ شامل ڪرائي سگهجي. چونڊيل ميمبرن سان صلاح مشوري کان پوءِ پاڻي جي وارا بندي جو شيڊول جاري ڪيو ويندو . چونڊيل ميمبر پنهنجي فنڊ مان مڇر مار اسپريو ڪرڻ لاءِ مشينون خريد ڪن ۽ انهن جي ذريعي اسپري ڪرايو وڃي. نادرا عملي جي بدسلوڪي تي نادرا جي اعليٰ عملدارن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي. منشيات جي روڪٿام جي حوالي سان، مون ايس ايس پي ميرپورخاص سان ڳالهايو آهي ۽ تمام جلد منشيات جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا ويندا. اجلاس ۾ ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ضلعي تعليم آفيسر پرائمري اسڪول نبي بخش گرگيز. ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر محمد سليم. ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال ڊاڪٽر غلام محي الدين شاهه جيلاني، چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل سيد عمران حيدر شاهه. اسسٽنٽ انجنيئر ايل بي او ڊي معاذ سليم ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 33

پروگرام ڪرڻ جو وڃن ڪيو ويو. ان موقعي تي صدارتي راءِ ڏيندي يونس خاصخيليءَ چيو ته مليرشاخ هن وقت ڪراچيءَ اندر

تمام سنو ڪم ڪري رهي آهي شاخ ملير وٽ تمام سٺا شاعر دوست موجود آهن جيڪي پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي عوام ۾ شعور پيدا ڪري رهيا آهن اڄوڪي گڏجاڻي ۾ مونکي تمام گهڻو اتساهه ڏنو آهي. جڏهن ته اديب رجب پنڊ چيو ته هن وقت سنڌ ۾ تمام سٺي شاعري ٿي رهي آهي گڏجاڻي ۾ تنقيد لئه نڪور تخليقون پيش ڪيون ويون جنهن تي راءِ ڏيندي غفور شاهه چيو ته جنهن شاعر وٽ درد ناهي اهو شاعر ناهي، درد ئي شاعري لڪائي ٿو اڄ جي شاعرن جي شاعريءَ ۾ نواڻ آهي ۽ نوجوان نوان نوان استعارا استعمال ڪري رهيا آهن. گڏجاڻيءَ ۾ سڪندر سروڻ سومرو ، قمبر ٻٽ، عنايت شاهه، سامي ميمڻ، جمشيد زهراڻي لعل محمد پنهور رجب پنڊ ۽ ٻين دوستن شرڪت ڪئي.

بقايا 34

رهيا ان موقعي تي متاثر دڪاندارن ڏانهيون ته وچ شهر ۾ گٽر ۽ ناليون اٿلڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، 40/40 هزار روپيا دوڪانن جو مسواڙ ڀريون ٿا ، دوڪانن آڏو گٽرن جو گندو پاڻي بيهڻ سبب روزگار ٺپ ٿي ويو ۽ بيمارين ۾ منهن ڪڍيو آهي هنن چيو ته گٽرن جي گندو پاڻي بيهڻ سبب بدبوءِ سبب دوڪانن تي ويهي نه ٿا سگهون، هنن چيو ته خبر نه آهي ته ميونسپل ڪاميٽي جي بجيٽ ڪٿي خرچ ٿئي ٿي متاثر دڪاندارن ڊي سي دادو اي سي دادو کان مطالبو ڪيو ته ، فوري طور گٽرن جو گندو پاڻي نيڪال ڪيو وڃي.

بقايا 35

تلاوت سان ڪئي جڏهن ته حافظ افضان صابري، حافظ امجد علي صابري، حافظ دانش علي صابري ۽ قربان علي صابري حضور اڪرم جي شان مبارڪ ۾ نعتون پيش ڪري محفل کي جهومائي ڇڏيو پنڊال لبيڪ لبيڪ يا رسول الله جي صدائن سان گونجي اٿيو پنڊال کي خصوصي خطاب ڪندي حافظ دين محمد طاهري چيو ته عيد ميلاد النبي مسلمانن لاءِ سعادت ۽ رحمت جو ڏينهن آهي، جيڪو اسان کي حضور جي زندگي مان سبق وٺڻ ۽ سندن ٻڌايل رستي تي هلڻ جو پيغام ڏئي ٿو محفل ۾ وڏي تعداد ۾ ڳوٺ غلام صابر راجپوت 362، ڳوٺ محمد ساوڻ شورو ، آدم موري يوسي باکر ۽ ٺٽون ڳوٺ جي عاشقان رسول صلي الله عليه وآله وسلم شرڪت ڪئي پروگرام جي آخر ۾ عاشقان رسول صلي الله عليه وآله وسلم لاءِ لنگر جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا 36

متياري ،سپاف ،يوٿ پي پي ميناريٽي ونگ ۽ پي پي عهديدارن ورڪرن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سنڌه حڪومت ترجمان ايم پي اي متياري مخدوم فخرزمان جن جو ڪوآرڊينيٽر غلام اڪبر ڀٽو ۽ پ پ ڪلچرل ونگ ضلع متياري صدر ڏٽي بخش سيال جنرل سيڪريٽري ذوالفقار سومرو پ پ يوٿ ونگ ضلعي متياري جنرل سيڪريٽريءَ جميل منگواڻو سپاف ضلعي متياري جنرل سيڪريٽري امتياز علي ڀوڙ انفارميشن سيڪريٽري پ پ ڪلچرل ونگ ثمر خاصخيلي نائب صدر معشوق علي منگواڻو سميت ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري فريال ٽالپر نثار کهڙو ۽ سنڌه حڪومت ترجمان ايم پي اي متياري مخدوم فخرزمان جن اعتماد ڪري متياري ضلع ۾ نئي تنظيم سازي جوڙي جيالن ۾ جان وجهي ڇڏي آهي اڳواڻن چيو ته نوان جيالا عهديدار پارٽي قيادت جي اعتماد تي پرپور محنت ۽ خدمت ڪندا ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ پي پي جي اميدوارن کي ساٿ ۽ ساٿ ڏئي ڪامياب ڪرائي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم جي عهدي تي آڻيندا ان موقعي تي ايم اين اي شگفته جماڻي جو ڪوآرڊينيٽر محفوظ علي جماڻي پ پ پ ضلع انفارميشن سيڪريٽري جنيد جڪريجو ايڊووڪيٽ قاضي اخلاص سيد اميد علي شاهه شمن سهتو فاروق نوحپوٽو منور علي دايو ڪامريڊ هاشم سمون ڪامريڊ جمعون خاصخيلي فراز اپڙو ياسر عمراڻي تنوير شيخ وسيم مسعوداڻي سميت پيا پارٽي ورڪر آجيائي جي تقريب ۾ شريڪ ٿيا.

بقايا 37

۾ ادا ڪيي ويي نماز جنازا ۾ پ پ ضلع ڪايونسل ميمبر پير امجد جان سرهندي پ پ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه جو فرزند سيد عون محمد شاهه منظور قايم خاني سيد اسلم شاهه سردار غلام رسول ڏونڪايي اڳوٽون ضلع ڪايونسل ميمبر غلام محمد ڪپري اڳوٽون يوسي وايس چيرمين فتح ڪپري ڪانيو خان چانديو محمد موسا شاهاڻي محمد شريف شاهاڻي محمد نواز ڪاڇيلو واحد مهر غلام رسول راڄڙ نور محمد راڄڙ غلام مصطفىٰ بنگلاڻي مدثر ڪوٽڙيو صحافي برادري ۾ فيض محمد شاهاڻي اياز بنگلاڻي لعل بخش خاصخيلي نويد ڪمار ڪيول سرماڻي ۽ ٻين علايقي جي معزز ماڻهون وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي سندس مڙهه کي سوين آلين اکين سان سيد شاهه علي شاهه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس تڏو ڳوٺ محمد اسلم شاهاڻي ۾ وڇايو ويو آهي جتي تعزيت جو سلسلو جاري آهي هونئڻ سي اير او عمرڪوٽ سيد ساجد حسين شاهه پ پ يوسي چيئرمين رييس نصير خان ڏونڪايي راڻا ذوالفقار راجپوت محمد بخش ڪوسو اڪمل شاهاڻي سيد ڪرم حسين شاهه سيد جاويد شاهه عبدالخالق آرايين رفيق دوم غفور ڀرهاڻي سلطان ڀرهاڻي تيپدار سڪندر سيال محمدخان شاهاڻي ٻين تڏي تي پهچي محمد اسلم شاهاڻي صحافي بشير شاهاڻي صحافي سڪندر شاهاڻي سان تعزيت ڪيي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو نوجوان محمد گل جي اچانڪ وڇوڙي تي علايقي ۾ سوڳ وار ماحول چانيل آهي

شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ جي نائب صدر پاران احتجاجي مظاهرو

مڪلي پريس ڪلب ٺٽي آڏو پارٽي سائره سومري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

چيئرمين علي محمد سومري جي هدايت تي ٺٽي سميت ٻين شهرن ۾ پڻ احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن

جيڪڏهن فوري طور ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو، اسان خاموش نه ويهنداسين: مظاهرين

ٺٽو: شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ جي نائب صدر پاران مظاهرو ڪيو پيو وڃي

پاڪستان ۽ ڪراچي يونين آف جرنلسٽس

ورڪرز پاران گلوبل اسٽيٽ آف

ڊيموڪريسي رپورٽ تي ڳڻتي جاري

گڙهي خيرو ويجهو جکراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٻه ڄڻا قتل

گوٺ شادي خان جکراڻي ۽ جکراڻي برادري جي سيوانين ۽ سنائي ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو

ڪاڪو سنائي جکراڻي ۽ عامر سنائي جکراڻي قتل ٿي ويا، ٻنهي ڌرين ۾ پراڻو تڪرار هلندڙ آهي

گمبٽ: ڊيموڪريٽڪ الائنس جي مرڪزي اڳواڻ روشن الدين جوڻيجي جي وفات تي ڏک جو اظهار

قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر روشن الدين جوڻيجي جي وفات تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

جمهوري قدرن ۽ عوامي خدمت ڪي پنهنجو شعار بڻايو، علائقائي سياست کي وڏو نقصان پهتو آهي: اڳواڻ

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ شاندار پروگرام

خيرپور: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ منعقد جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي پروگرام جو ڏيک

جنگشاهي لڳ قديمي درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني جي خدمتگار پاران احتجاجي مظاهرو

خليفي غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو تي ڪافي پيرا حملا ڪيا ويا

خدمتگار غلام قادر جوکيو پوليس پوسٽ جنگشاهي تي ڏمڪيون واري مليل چٺي پوليس کي ڏيکاري

اهلڪارن کي مقرر ڪري ڪيس ڏمڪيون واري مليل چٺي جي جاچ ڪرائي ملوثن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سربراهه

جلال محمود شاهه جي 63 سالگرهه

جي موقعي تي تقريب

ٺٽو: قديمي درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني جي خدمتگار احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ ڪان پوءِ مٺي ۾ پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ ڊينگي وائرس جي وبا شدت اختيار ڪري وئي

ڳوٺن ۾ ڊينگي وائرس جي وبا شدت اختيار ڪري وئي، سول اسپتال مٺي ۾ 90 ڪان وڌيڪ ڪيس ظاهر

90 ڪان وڌيڪ ڊينگي جا ڪيس ظاهر ٿيا آهن، ڊينگي ۾ مبتلا مريضن ۾ ٻار، عورتون ۽ مرد وڏي تعداد ۾ شامل آهن

پليٽ ليٽس گهٽجڻ جي علامتن سان اسپتال ۾ داخل ڪيا ويا آهن، هر روز نوان ڪيس ۾ واڌ ٿي رهي آهي: ڊاڪٽر ديال

پبلڪ هيلٿ ۽ ٽائون ڪاميٽي راڻي جي متان نظرانداز ڪرڻ عام ماڻهو سوال ڪن پيا: اڳواڻ

ڳوٺ علي آباد وسائو واڻهي وڏا ڳاگهرا عباسي، سالاري ماڇي، جوکيا ڳوٺ، شهباز ڪالوني ۾ آزار آهي

ووٽ وٺڻ وارا وڃن ٿا، پر پوءِ اسان کي وساري ڇڏيو وڃي ٿو، اسان جو قدر صرف ووٽ ڏيندي وقت ڪيو وڃي ٿو

بنيادي مسئلن جو حل نه ٿيڻ تائين اسان جي آواز بلند رهندو ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ اسان واضح موقف ڏينداسين

ڊويزنل ڪمشنر فيصل احمد عقيلي جي امتحاني مرڪز جو دورو، ميرپورخاص ۾ 144 لاڳو ڪئي وڃي

گرنمينٽ بوائز هائر اسڪول صفير ڪالوني جهڏو، گرنمينٽ ايراهم اسڪول لڳ نلر 144 لاڳو ڪئي وئي

ڪمشنر بورڊ هائر سيڪنڊري اسڪول ڊگهڙي جي امتحان جو معائنو ڪيو، امتحاني مرڪز جي چوڌاري 144 لاڳو ڪئي وئي

اڳوڻي ايم اين اي ۽ پي پي اڳواڻ ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجي جي والد روشن الدين جوڻيجي جي ورسي جو پروگرام

ٽنڊي سميت ڳوٺن جي سيگريٽ ٽوڪري تي 14 جي ڳوٺ ۾ ڳوٺ واسين جي پريس ڪانفرنس

ڊڪري ۾ عورت جو ڏيرڻ ۽ ڊڪري پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو، نوٽيس جي گهر

پوليس ڏيرڻ جي ڏر بچڻ گهر تي روڄ ڪرائي ڪري مڙس کي گرفتار ڪري ڏهاڙي ڏئي رهي آهي: عورت

امتياز سومرو، ممتاز سومرو، منظور سومرو ۽ ٻين کي ٻاڪرائي تعلقي جي ڳوٺ ڪوهارا مان لڏائي ڪئي ويا آهن

ڏير محمد بخش سومرو، امتياز سومرو ۽ ٻين ڊڪري ويجهو پنهنجي جڳهه تي 20 سالن کان رهائش پذير آهن

ڪنڊيارو شهر جي سٽي گرائونڊ ۾

همراهه مثل حالت ۾ مليو، سيڃاڻپ

ضمير ڪلهوڙو طور ٿي

ڊڪري: عورت ڏيرڻ ۽ ڊڪري پوليس خلاف ميڊيا آڏو احتجاج ڪري رهي آهي

ٽائون ڪاميٽي سيٽارجا جي ڪيٽين ڳوٺن ۾ مچھر مار اسپري نه ٿيڻ ڪري پريشانيون

سيٽارجا جي ڪيٽين ڳوٺن ۾ مچھر مار اسپري نه ٿيڻ ڪري رهواسي پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا

سيٽارجا ۽ پسگردائي جي ڳوٺن ۾ مچھر مار مهم شروع ڪئي وڃي ته ملريا ممڪن بچي سگهجي ٿي

ٺلهاري ٽائون ڪميٽي جي 38 ورهين جو ملازم ڊيوٽي تي اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو

عبدالحميد خاصخيلي مسافر بس جي چٽ مٿي وينل حالت ۾ ميجر هارٽ اٽيڪ سبب فوت ٿي ويو

حيسڪو مڪلي سب ڊويزن جي ايس ڊي سي رياض ارباب پاران مختلف علائقن ۾ ڪارروايون

ڪنڊا سسٽم ۽ غيرقانوني ڪنيڪشن ڪي ڪٽي بجلي جي تارن کي پڻ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

فورن بجلي چوري ڪان پاسو ڪري بجلي جا ميٽر لڳائين جيئن بجلي جي بچت ٿي سگهي: رياض ارباب

نارنجا ڳوٺ سميت مختلف علائقن ۾ بجلي چورن خلاف سخت ڪارروايون جاري ڪندي ڪنيڪشن ڪاٽيا

شاهه جي مشين لڳ ڊاٽيور جي

قديمي قبرستان مان پاڻي نه

نڪتو، اختياريون خاموش تماشائي

ٺٽو: ايس ڊي سي رياض ارباب مختلف علائقن ۾ ڪارروائي ڪري رهيو آهي

سامارو روڊ پريس تان محمد اسلم پيٽيجو نيوز پيپر سول ايجنٽ بشير شاهاڻي جو سوٽ لاڏاڻو ڪري ويو

پ پ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه فرزند سيد عون محمد شاهه منظور ۽ ٻين پاران تعزيت جو اظهار ڪيو ويو

صحافي برادري ۾ فيض محمد شاهاڻي، اياز بنگلاڻي، لعل بخش خاصخيلي، نويد ڪمار ڪيول سرماڻي ڏک ونڊيو

حيدرآباد روڊ تي ٽرڪن مان سامان چوري ڪندڙ گينگ کي ڊي ايس پي برسٽ ڪري ڇڏيو

پوليس ٽرڪ مان سامان لاهي سوزوڪي پڪ اپ ۾ فرار ٿيندڙ هڪ ڦورو علي حسن شورو کي گرفتار ڪيو

ٺٽو حيدرآباد روڊ تي ٽرڪن مان سامان چوري ڪندڙ گينگ جي هڪ ڌوهاري کي گرفتار ڪري ورتو آهي: پوليس

ڌوهاري کي گرفتار ڪري چوري ڪيل سامان برآمد ڪري ٿاڻي تي پوليس ٽيم جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي آهي

مٺي ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ ڊينگي

وائرس جي وبا تيزي سان پکڙجڻ

لڳي، اختياريون خاموش

ٺٽو: پوليس ٽرڪ جي ڪارروائي ۽ هٿ ڪيل سامان ۽ تحويل ۾ ورتل ڏوهاري

ٿلهار ۾ غيرمعياري خوراڪ جي شين جي وڪري خلاف شهرين پاران احتجاجي مظاهرو

غيرمعياري ڪاڻ جو ٿلهو سستي قيمت تي مقامي واپارين کي وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو

غيرمعياري تيل جي خريد ۽ فروخت ۽ ٽيري سبب شهري مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن: مظاهرين

ڪٽ لڳ ڳوٺ نبيداد خان ٻانڀڻ ۾ پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هجڻ ڪري پريشانيون

مسئلي جي حل لاءِ استاد شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جي تعليم کاتي پاران مظاهرو ڪري انتظاميا خلاف نعري بازي ڪئي وئي

2022 واري برساتن ۾ اسڪول بلڊنگ زبون حال هجڻ ڪري شاگرد کليل آسمان هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن: اڳواڻ

سنڌ هاري ڪورٽ پنجشڪر ۽ نينگري جي هارين پاران آباديءَ لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي، اڳتي ٻڌڻي ٿي هي اڳتي ٿيندي

گوٺ سرڪار فرخار جي هارين سنڌ هاري ڪورٽ پنجشڪر ۽ نينگري جي باري ۾ جاري درخواست ٻڌڻي ٿي

ٽنڊو آدم ۾ اڳوڻي ايم اين اي ۽ پي پي اڳواڻ روشن الدين جوڻيجي جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

ايم اين اي علاؤالدين جوڻيجو، سن ڳوٺ سنجر جوڻيجو ۽ ٻين شخصيتن پاران تعزيت ڪئي وئي

مائل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ پاران ٿاڻي جي ايس ايڇ او اياز بگهيو کي فوري طور عهدو ڇڏڻ جو حڪم

گاڏهو ٿاڻي جي ايس ايڇ او اياز بگهيو کي فوري طور عهدو ڇڏڻ ۽ سندس خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ايس ايڇ او 14 ورهين جي نوجوان محبوب علي گجريو ملاح کي ٻنا ڪنهن ڏوهه جي اغوا ڪري حوالات ۾ رکيو ويو

ٽن ڏينهن اندر ڪيس داخل ڪري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ چئن ڏينهن اندر رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وڃي: مائل ڪرمنل ٽرائل

ميرپورخاص ضلعي ڪائونسل هال ۾ چيئرمين ضلعي ڪائونسل ميرانور علي خان ٽالپر پاران اجلاس

ويڪسينيشن، مچھر مار اسپري ۽ ضلعي ڪائونسل جي خالي پيل جاين تي عملي جي ڀرتي جي معاملن تي غور

عوام کي بنيادي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ترجيحن ۾ شامل آهن: انور علي خان ٽالپر

نادرا آفيس ڪوٽ غلام محمد جي عملي جي بدسلوڪي ۽ سرڪاري ملازمن جي پينشن کي روڪڻ بابت مسئلا اٿاريا ويا

سنڌي ادبي سنگت شاخ مليرجي

دستوري گڏجاڻي، جديد پروگرام

ڪرڻ جو وچن

ميرپورخاص: چيئرمين ضلعي ڪائونسل ميرانور علي ٽالپر جي صدارت هيٺ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪچي جي ٻوڏ متاثرين جا احتجاج وڌي ويا، ڳوٺ مرجهر شيخ جا سوين ماڻهون ٻوڏ جي پاڻي ۾ ڦاٿل

سوين ٻوڏ متاثرين جي سرڪار طرفان ڳوٺ جي ڏيڍل پل سميت ٻئي ڪابه مدد نه ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

2010 واري مها ٻوڏ ڪان وٺي هن وقت تائين سمورو ڳوٺ پل نه هجڻ ڪري اڄ ڏينهن تائين مسئلن جو شڪار آهي: اڳواڻ

سنڌ سرڪار تڪڙي ڳوٺ جو پنهنجي نمائندن هن وقت تائين ڪچي مان پڪي جي طرف ڏانهن نڪرڻ لاءِ ڪو به بندوبست نه ڪيو آهي

دادو شهر جي سئنيما چوڪ، اسٽيشن روڊ، پوليس هيڊ ڪوارٽر روڊ تي گٽر ۽ نالين اٿلي پيون

حفيظ قمبراڻي، سليم ملاح ۽ وحيد پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪاليج روڊ تي پنهنجون رکي مظاهرو ڪيو

شهر ۾ گٽر ۽ ناليون اٿلڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، 40/40 هزار روپيا ڊرڪائن جي مسواڙ پرين ٿا: اڳواڻ

روزگار ٺپ ٿي ويو ۽ بيمارين به منهن ڪڍيو، ڪراچي جي گندو پاڻي سبب بدبوءِ سبب دڪانن تي ويهي نٿا سگهون

ٿنڊو آدم: اڳوڻي ايم اين اي روشن جوڻيجو جي وفات تي تعزيت ڪئي وڃي پئي

آپڪا آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ جي سڏ تي دادو ۾ احتجاجي مظاهرو

احمد علي ڏاهري، ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري، ڊاڪٽر منظور احمد پنهور، عبدالخالق ڏاهري مظاهرو ڪيو

مسرور احمد هاليپوٽو، وسيم احمد عباسي ۽ ٻين ملازمن پلي ڪارڊ هٿن ۾ کڻي سخت نعري بازي ڪئي

سنڌ حڪومت کي پنهنجو فيصلو واپس وٺي ۽ سرڪاري ڊائريڪٽ کلڻ ملازمن مان بيچيني دور ڪئي وڃي: مظاهرين

ايس ايڇ او ستي عمرڪوٽ عطا

لغاري پاران دستڪ هيد

ڪوارٽر اسپتال جو دورو

دادو: آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ جي سڏ تي احتجاج ڪيو پيو وڃي

اکري جو ڳوٺ سرڪاري ايليمينٽري اسڪول گاديش جو عمير بلڊنگ ٻڌڻ جي ويل جو شڪار

اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد بغير ڪنهن سهوليت جي پٽ تي ڪن ڪري تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن

ٺلهاري جونڪال موڙ قادري محلا ۾ رهائشي نينگر متين احمد ڪپري تي زهر وارٽ سخت پريشان

ٺٽو ڪوٽ ويجهو ڳوٺ غلام صابر راجپوت ڏيهه 362 ۾ عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ تقريب

محمد ارشد شاهه چشتي صابري جهانگيري ڪنبل پوش حيدرآباد واري جي زير صدارت منعقد ٿي گذريو

12 ربيع الاول حضور ﷺ جي زندگي مان سبق وٺڻ ۽ سندن بڌايل رستي تي هلڻ جو پيغام ڏئي ٿو: اڳواڻ

تقريب ۾ ڳوٺ محمد سانوڻ شورو، آدم موسي باکره نئون ڪوٽ جي عاشقن رسول ﷺ شرڪت ڪئي

ايم پي اي متيارو مخدوم فخرزمان

جي ڪوآرڊينيٽر پاران ڪاليج رولنگ

عديدار ان جي مان ۾ آجياڻو

نئون ڪوٽ: ڳوٺ غلام صابر راجپوت ڏيهه 362 ۾ منعقد عيد ميلاد النبي ﷺ جي تقريب جو ڏيک